روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) جمعو 05 مئي 2023 ع بمطابق 14 شوال المکرم 1444هه (قيمت 05 روپيا) شمارو 339

عمران خان چيف جسٽس جي حمايت ۾ عوام کي چنچر تي روڊن تي اچڻ جو سڏ ڏئي ڇڏيو

وزيرآباد بعد مونکي 18 مارچ تي جوڊيشل ڪامپليڪس ۾ ٻيهر قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي: عمران خان

هن وقت مافيا چيف جسٽس جي پٺيان هٿ ڌوئي پئجي وئي آهي ۽ چاهي ٿي ته سپريم ڪورٽ کي ورهايو وڃي پر سندس اها ڪوشش ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين

مراد سعيد کي اهي ئي ماڻهو دهشتگرد ڇئي رهيا آهن جن کي آئون ڊرٽي هيري چوندو آهيان، مونکي ۽ مراد سعيد کي جيڪڏهن ڪجهه ٿيو ته ان جي پٺيان ڊرٽي هيري جو هٿ هوندو

عدالتون جو احترام ڪريان ٿو پير ۾ سوڄ هجڻ باوجود پيش ٿيندس انهن وانگر ناهيان جن جي مرضي جو فيصلو نه اچي ته ججن خلاف پروپيگنڊا شروع ڪري ڏين ٿا

پي ڊي ايم وارا آئين جا ٻڪيا اڊيڙي رهيا آهن 90 ڏينهن اندر چونڊون ٿيڻ ٿيون آهن پر هو اليڪشن کان ڀڄي رهيا آهن

سمورا پاڪستاني ڇنڇر ڏهاڙي چيف جسٽس سان ٻڌي جو اظهار ڪرڻ لاءِ هڪ ڪلاڪ لاءِ ٻاهر نڪرن : ميڊيا سان ڳالهيون

لاهور(مانيٽرنگ ڊيسڪ) تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان چيف جسٽس جي حمايت ۾ عوام کي ڇنڇر ڏينهن روڊن تي اچڻ جو سڏ ڏئي ڇڏيو آهي سندس چوڻ آهي ته وزيرآباد بعد مونکي 18 مارچ تي جوڊيشل ڪامپليڪس ۾ ٻيهر قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي اسلام آباد روانگي کان اڳ لاهور ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي عمران خان چيو ته هن وقت مافيا چيف جسٽس جي پٺيان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

لاهور: تحريڪ انصاف سربراهه عمران خان ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

هلنڊڙ سال جي پهرين 4 مهينن ۾ آمريڪا هڪ ڀيرو ٻيهر ڊفالٽ ٿيڻ جو خدشو

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) هلنڊڙ سال جي پهرين 4 مهينن ۾ آمريڪا هڪ ڀيرو ٻيهر ڊفالٽ جو خدشو ظاهر ڪيو آهي، جنهن ڪانپوءِ آمريڪا وڏيڪ 726 ارب ڊالر قرض وٺڻ جو ارادو رکي ٿو پرڏيهي ميڊيا موجب آمريڪي صدر جو بائيڊن حڪمت عملي لاءِ 9 مئي تي اجلاس طلب ڪري ورتو آهي، جنهن ۾ ڪانگريس جا ميمبر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ڪرم ضلعي ۾ فائرنگ جا واقعا، 7 استادن سميت 8 ڄڻا مارجي ويا

اپر ڪرم ۾ شلوزان روڊ تي اڻڄاتل ماڻهن هلندڙ گاڏي تي فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ شهري مارجي ويو

فائرنگ جي ٻئي واقعي ۾ هڪ شخص مارجي ويو، جنهن کي اسپتال آندو ويو، جنهن جو مڙهه وارثن حوالي ڪيو ويو

فائرنگ جا مختلف واقعا پيش آيا، انهن واقعن ۾ ٻه ماڻهو قتل ۽ زخمي ٿيڻ جي اطلاع تي اسپتال ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي

فائرنگ واقعي ڪانپوءِ هٿياربندن تري منگل هاءِ اسڪول ۾ گهڙي 7 استادن کي قتل ڪري ڇڏيو : پوليس

واقعن ڪانپوءِ سڄي ضلعي جي اسپتال ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي آهي ۽ سمورا رستا سيڪيورٽي خدشن سبب بند ڪيا ويا

ڪوهاٽ تعليمي بورڊ جي انتظام هيٺ 28 اپريل کان جاري ميٽرڪ جا امتحان ٻه اڻڄاتل مدي تائين ملتوي ڪيا ويا

ڪرم (م ڊ) خيبر پختونخواهه جي ضلعي ڪرم ۾ اڻڄاتل ماڻهن جي فائرنگ جي مختلف واقعن ۾ 7 استادن سميت 8 ڄڻا مارجي ويا. ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽرز اسپتال پاراچنار جي ڊي ايم ايس قيصر عباس ٻڌايو ته فائرنگ جي پهرئين واقعي ۾ هڪ شخص مارجي ويو، جنهن کي اسپتال آندو ويو، جنهن جو مڙهه وارثن حوالي ڪيو ويو هن ٻڌايو ته ان ڪانپوءِ فائرنگ جا مختلف واقعا پيش آيا، انهن واقعن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: صدر ڊاڪٽر عارف علوي جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس جو ڏيک

فورسز ۽ دهشتگردن ۾ مقابلو، 6 اهلڪار شهيد، 3 دهشتگرد مارجي ويا

اتر وزيرستان جي علائقي ديردوني ۾ سڪيورٽي فورسز ۽ دهشتگردن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي

فائرنگ جي نتيجي ۾ پاڪ فوج جا 6 جوان شهيد ٿي ويا. جڏهن ته فورسز جي جوابي فائرنگ ۾ 3 دهشتگرد مارجي ويا

سڪيورٽي فورسز دهشتگردن کي ڀرپور جواب ڏنو، فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ 2 دهشتگرد پڻ زخمي ٿي پيا : آءِ ايس پي آر

شهيدن ۾ حوالدار سليم خان، نائيڪ جاويد اقبال، سپاهي نذير خان، سپاهي حضرت بلال، سپاهي سيد رجب حسين، سپاهي بسم الله جان شامل

راولپنڊي(مانيٽرنگ ڊيسڪ) اتر وزيرستان ۾ دهشتگردن سان مقابلي ۾ پاڪ فوج جا 6 جوان شهيد ٿي ويا. پاڪ فوج جي عام لاڳاپن واري ڪاتي (آءِ ايس پي آر) موجب اتر وزيرستان جي علائقي دير دوني ۾ سڪيورٽي فورسز ۽ دهشتگردن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ پاڪ فوج جا 6 جوان شهيد ٿي ويا. جڏهن ته فورسز جي جوابي فائرنگ ۾ 3 دهشتگرد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

راولپنڊي: اتر وزيرستان ۾ دهشتگردن سان مقابلي ۾ شهيد اهلڪارن جي حياتي جون تصويرون

صوبائي وزير ناصر شاهه پاران فائر فائٽرز جي عالمي ڏينهن تي فائر فائٽرز کي خراج تحسين

ڪراچي (رپورٽر) مڪاني ادارن واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه فائر فائٽرز جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي فائر فائٽرز کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته فائر فائٽرز جي خدمتن کي سڄي دنيا ۾ خاص اهميت ڏني ويندي آهي ۽ اسان جا فائر فائٽرز پڻ خراج تحسين جا مستحق آهن. هن چيو ته خراب حالتن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

عمران خان اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ پيش، 7 ڪيسن ۾ ضمانت منظور

اسان لاڳاپيل عدالت سان رابطي ۽ پروٽيڪشن جو چيو هو اوهان اڃان تائين جاچ ۾ شامل ناهيو ٿيا : چيف جسٽس

اوهان کي اڳ ڏنل تاريخ کان اهو باور ڪرايو هو ته اسان صرف پروٽيڪشن ڏينداسين

عمران خان پرائيويٽ اسپتال جي رپورٽ پيش ڪئي آهي جيڪا قبول ڪرڻ جهڙي نه آهي : ايڊووڪيٽ جنرل

اسلام آباد(م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ عمران خان جي 7 ڪيسن ۾ ضمانت منظور ۽ 2 ڪيسن ۾ ضمانت ۾ واڌ ڪري ڇڏي. تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ پيش ٿيوان موقعي تي سيڪيورٽي جا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

قاسم سوري عمران خان جي گرفتاري جو امڪان ظاهر ڪري ڇڏيو

وڏي صاحب جون سخت هدايتون آهن ته عمران خان کي هرحال ۾ گرفتار ڪرڻو آهي : قاسم سوري

سمورن سينئر آفيسرن کي عدالت ۾ حاضر رهڻ جا حڪم به جاري ڪيا ويا آهن

اسلام آباد(م ڊ) پي ٽي آءِ اڳواڻ ۽ اڳوڻي ڊپٽي اسپيڪر قاسم سوري تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان جي گرفتاري جو امڪان ظاهر ڪري ڇڏيو آهي، هڪ بيان ۾ قاسم سوري چيو آهي ته وڏي صاحب جون سخت هدايتون آهن ته عمران خان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

پي ٽي آءِ اڳواڻ ۽ اڳوڻو ڊپٽي اسپيڪر قاسم سوري ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

هڪ ئي وقت چونڊون ڪرائڻ بابت ڪيس ٻڌڻي لاءِ مقرر

چيف جسٽس عمر عطا بنديال جي سربراهي ۾ 3 رڪني بينچ ٻڌڻي ڪندي

بينچ ۾ جسٽس اعجاز الاحسن ۽ جسٽس منيب اختر شامل

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) سپريم ڪورٽ سڄي ملڪ ۾ هڪ ئي وقت چونڊن بابت ڪيس جي ٻڌڻي اڄ 11.30 وڳي تائين ملتوي ڪري ڇڏي آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

بلاول ڀٽو زرداري پارت پهچي ويو، اهم اڳڀرائي جو امڪان

بلاول ڪراچيءَ مان پارتي شهر گوا لاءِ روانو ٿيو هو، بلاول ڀٽو زرداري وفد سان گڏ پارت پهچي ويو

منهنجو پارت وڃڻ اهو پيغام ڏئي ٿو ته پاڪستان ايس سي او کي ڪيڏي اهميت ڏئي ٿو: بلاول

پارتي دوري دوران منهنجو ڌيان رڳو شنگهائي تعاون تنظيم جي اجلاس تي هوندو

ڪراچي(رپورٽر) پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري شنگهائي تعاون تنظيم جي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ پارت پهچي ويو، بلاول ڪراچيءَ مان پارتي شهر گوا لاءِ روانو ٿيو هو، بلاول ڀٽو زرداري وفد سان گڏ پارت پهچي ويو روانگي کان اڳ پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

فلورملز ايسوسيئيشن ڪڻڪ جي وڌندڙ قيمتن سبب اٽي جي کوٽ جو امڪان ظاهر ڪري ڇڏيو

خوراڪ کاتي جي پابندين سبب مارڪيٽ ۾ ڪڻڪ آمد سخت متاثر ٿي رهي آهي : افتخار منٽو

وڏو وزير پابنديون ختم ڪرائي ڇو ته خوراڪ کاتي جي پابندين سبب فلورملز کي ڪڻڪ حاصل ڪرڻ ۾ ڪافي پريشانيون پيش اچي رهيون آهن

ملن وٽ ڪڻڪ جو اسٽاڪ به هاڻ تمام گهٽ رهجي ويو آهي، صارفين مهانگي اگهن تي اٽو خريد ڪرڻ تي مجبور آهن

لاهور (م ڊ) فلورملز ايسوسيئيشن ڪڻڪ جي وڌندڙ قيمتن سبب اٽي جي کوٽ جو امڪان ظاهر ڪري ڇڏيو آهي، فلورملز ايسوسيئيشن جي چيئرمين افتخار منٽو چيو ته خوراڪ کاتي جي پابندين سبب مارڪيٽ ۾ ڪڻڪ آمد سخت متاثر ٿي رهي آهي، صوبي ۾ اٽي جي کوٽ جو امڪان آهي. هن چيو ته وڏو وزير پابنديون ختم ڪرائي ڇو ته خوراڪ کاتي جي پابندين سبب فلورملز کي ڪڻڪ حاصل ڪرڻ ۾ ڪافي پريشانيون پيش اچي رهيون آهن. افتخار منٽو چيو ته ملن وٽ ڪڻڪ جو اسٽاڪ به هاڻ تمام گهٽ رهجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

خواجا آصف روز گاريون ڏئي ٿو، هو آئين سان کيڏي رهيو آهي : چوڌري پرويز الاهي

پهرين ڏينهن کان اسان دهشتگردي جو رستو نه پر پرامن رستو اختيار ڪيو

اسان عدليه ڏانهن وياسون ۽ پوءِ ڳالهين جي شروعات ڪئي، سڄو شريف خاندان بدڪار آهي

ڪيس هلندا هلندا، مڪمل وڙهي رهيا آهيون، اسان کي ڪو خوف ناهي، اسان پوئتي هٽڻ نه سکيو آهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي مرڪزي صدر چوڌري پرويز الاهي چيو آهي ته خواجا آصف روز گاريون ڏئي ٿو، هو آئين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

تحريڪ انصاف جو مرڪزي صدر چوڌري پرويز الاهي

ڪراچي ۾ منڪي پوڪس وائرس جي پهرين ڪيس جي تصديق

سعودي عرب کان ايندڙ مسافر ۾ مونڪي پوڪس جي تصديق ٿي آهي : صحت کاتو

ڊائو يونيورسٽي ۾ 4 ڄڻن جا مڪي پوڪس جا ٽيسٽ ڪيا ويا

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي ۾ منڪي پوڪس وائرس جي پهرين ڪيس جي تصديق ٿي وئي آهي. سنڌ جي صحت کاتي ڪراچي ۾ منڪي پوڪس جي پهرين ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

پي ٽي آءِ جو خواجا آصف کي هرجاڻي جو نوٽيس

پي ٽي آءِ بچاءَ واري وزير کي 10 ارب رپيا هرجاڻي جو نوٽيس موڪلي ڇڏيو

خواجا آصف عمران خان تي سيالڪوٽ ۾ ٽڪيٽون وڪرو ڪرڻ جو ڪوڙو الزام هنيو : نوٽيس جو متن

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) عمران خان کي ٽڪيٽون وڪرو ڪرڻ جي الزام ۾ بچاءَ واري وزير خواجا آصف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اسلام آباد: وفاقي وزير شازيه مري پريس ڪانفرنس ڪري رهي آهي

اليڪشن ڪميشن مسلم ليگ (ق) پارٽي صدارت ڪيس جو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو

چوڌري شجاعت ئي (ق) ليگ جو صدر رهندو، اليڪشن ڪميشن مسلم ليگ (ق) جي آئين ۾ ترميم ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏي

اليڪشن ڪميشن مسلم ليگ (ق) جي آئين ۾ ترميم جي چوڌري وجاهت جي درخواست رد ڪري ڇڏي

اليڪشن ڪميشن جي حڪم امتناع دوران مسلم ليگ (ق) جي آئين ۾ ترميم قانون جي خلاف آهي : فيصلي جو متن

اسلام آباد (م ڊ) اليڪشن ڪميشن مسلم ليگ (ق) پارٽي صدارت ڪيس جو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو چوڌري شجاعت ئي (ق) ليگ جو صدر رهندو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ق ليگ سربراهه چوڌري شجاعت حسين

پي ٽي آءِ اڳواڻ مراد سعيد جا گرفتاري وارنٽ جاري

مراد سعيد خلاف قلم 204 ضابطه فوجداري جو وارنٽ جاري ڪيو ويو

مراد سعيد کي گرفتار ڪري عدالت جي آڏو پيش ڪيو وڃي : وارنٽ جو متن

پشاور (م ڊ) مالاڪنڊ جي جوڊيشل مئجسٽريٽ پي ٽي آءِ اڳواڻ مراد سعيد جا گرفتاري وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا، مراد سعيد خلاف قلم 204 ضابطه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

سن پرسان مسافر وئن ڪلٽي، عورت سميت 4 ڄڻا فوت، ڪيترائي زخمي

ڪلري اسٽاپ وٽ ٽائر برسٽ ٿيڻ سبب وئن ڪلٽي ٿي پئي، عورت سميت 4 ڄڻا فوت ٿي ويا، 15 کان وڌيڪ زخمي ٿي پيا

حادثي ۾ 37 ورهين جو جان محمد پنهور ۽ هڪ عورت ۽ 2 ٻيا فوت ٿي ويا، 18 ڄڻا زخمي ٿي پيا

سن هيلٿ سينٽر ۾ سهولتون جي کوٽ سبب فوتين جا لاش ۽ زخمي مانجهند اسپتال منتقل ڪيا ويا

مانجهند/سن (نمائندن وٽان) سن پرسان ڪلري اسٽاپ وٽ وئن ڪلٽي، عورت سميت 4 ڄڻا فوت ٿي ويا، ڪيترائي زخمي ٿي پيا سن پرسان ڪلري اسٽاپ وٽ ٽائر برسٽ ٿيڻ سبب وئن ڪلٽي ٿي پئي، عورت سميت 4 ڄڻا فوت ٿي ويا. 15 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ جي ايس ٽي ٽيسٽ ۾ 33 مارڪون پاس ڪندڙن جي ڪيس جي ٻڌڻي، حڪومت جواب جمع ڪرائي ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ پي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي اميدوارون کي سنڌ ۾ 33 مارڪس پاس ڪرڻ جي حوالي سان ڪيس جي ٻڌڻي ٿي. عدالت ۾ حڪومت پاران جواب جمع ڪرائي ڇڏيو آهي .عدالت درخواست گذار جي وڪيل کي جواب جي ڪاپي ڏيڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي .عدالت درخواستگذار جي وڪيل کي چيو ته سنڌ حڪومت جي جواب جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪراچي: صوبائي اسيمبلي ميمبر شازيه سنگار ۽ نويد اينٿوني سي اي او واٽر بورڊ انجنيئر اسد الله خان سان ملاقات ڪندي

چور پرسان ڏنار قتل، مال جي واڙي مان لاش هٿ

ڳوٺ حويلي ۾ ڏنار ٽالهو پٽ امولڪ ڀيل جو مال جي واڙي مان لاش هٿ ڪيو ويو

ڳوٺاڻن جي اطلاع تي پوليس پهچي ڏنار جو لاش عمرڪوٽ اسپتال منتقل ڪيو

چور (رپورٽر) چور پرسان هٿياربندن جي فائرنگ، ڏنار قتل ٿي ويو، ڳوٺ حويلي ۾ ڏنار ٽالهو پٽ امولڪ ڀيل جو مال جي واڙي مان لاش هٿ ڪيو ويو مقتول /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪراچي ۾ اسٽريٽ ڪرائم جي واقعن تي فوري طور تي ضابطو آندو وڃي: فريال ٽالپر

ڪچي واري علائقي مان ڌاڙيلن جو خاتمو ڪري امن امان جي صورتحال کي يقيني بڻايو وڃي

سرحدي علائقن ۾ پنجاب پوليس گڏجي ڪم ڪيو وڃي ته جيئن اتان ڏوهن جو خاتمو آڻي سگهجي

منشيات جي خاتمي لاءِ جيڪڏهن ڪا قانون سازي ڪرڻي آهي ته قانون وارو کاتو ڪندو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ اسيمبلي جي گهرو معاملن بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جي چيئرپرسن فريال ٽالپر چيو آهي ته ڪچي واري علائقي مان ڌاڙيلن جو خاتمو ڪري امن امان جي صورتحال کي يقيني بڻايو وڃي ۽ ڪراچي ۾ اسٽريٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ آغا سراج دراني ڪيس ۾ ضمانت واري درخواست تي ٻڌڻي

آغا سراج دراني کي ڪهڙي جڳهه رکيو ويو آهي: جسٽس نعمت الله ڦلپوٽو

اسان هن جي گهر کي سب جيل قرار ڏنو آهي: جيل سپرنٽينڊنٽ

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس نعمت الله ڦلپوٽو تي ٻڌل ٻه رڪني بينچ ۾ صوبائي اسيمبلي جي اسپيڪر آغا سراج دراني جي خلاف آمدني کان وڌيڪ ملڪيتون ناهڻ واري ڪيس ۾ ضمانت واري درخواست تي ٻڌڻي ٿي . /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

غوٿپور: سنڌ ۾ بدامني خلاف شهري ڌرڻو هڻي ويٺل آهن

هلندڙ مالي سال ۾ اپريل تائين 103645 ملين رپين کان وڌيڪ ٽيڪس جمع ٿي چڪو آهي: مڪيش ڪمار چاولا

ڪراچي (رپورٽر) ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن ۽ اينٽي نارڪوٽڪس واري صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا سنڌ جي ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن ۽ اينٽي نارڪوٽڪس کاتي پاران هلندڙ مالي سال ۾ ٽيڪس وصولي جا تفصيل جاري ڪندي ٻڌايو ته هلندڙ مالي سال ۾ جولاءِ 2022 کان اپريل 2023 تائين مجموعي طور تي 103645.269 ملين ٽيڪس جمع ڪيا ويا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

اسلام آباد: ناڻي واري وفاقي وزير اسحاق ڊار سان جاپاني سفير ملاقات ڪري رهيو آهي

سنڌ ۾ بدامني جي باهه، مختلف شهرن ۾ مظاهرا، ڌرڻا، عادلپور ۾ شٽر بند هڙتال

غوٿپور ويجهو اغوا ٿيل 4 ڄڻن جي بازيابيءَ لاءِ انڊس هاءِ وي جي ٻن هنڌن تي ڌار ڌار ڌرڻا هنيا ويا

پوليس خدا بخش ٽانوري، فقير الله ڏنو ٽانوري، نورالدين ٻهلڪاڻي ۽ سڄڻ ميراڻي کي بازياب ڪرائڻ لاءِ ڪو به قدم نه پئي کڻي : مظاهرين

حيدرآباد (نمائندن وٽان) سنڌ ۾ بدامني جي باهه ٻري پئي، مختلف شهرن ۾ ماڻهو روڊن تي نڪري آيا، ڌار ڌار ڌرڻا هنيا ويا، پوليس مختلف شهرن مان اغوا ٿيلن کي بازياب ڪرائڻ ۾ ناڪام ٿي وئي، مغوين جي گهرن ۾ ڪهرام مچل آهي غوٿپور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

سنڌ هاءِ ڪورٽ طرفان گم ٿيل شهرين جي ڪيس ۾ پوليس جون جمع ڪرايل رپورٽس رد

سڄي ملڪ جي حراستي مرڪزن کان رپورٽس حاصل ڪري 31 مئي تائين جمع ڪرائڻ جو حڪم

ساڳيون پراڻيون اسٽريٽجڪ ۽ روايتي رپورٽس عدالت ۾ پيش ڪيون ويون آهن : جسٽس نعمت الله ڦلپوٽو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس نعمت الله ڦلپوٽو تي ٻڌل ٻه رڪني بينچ ۾ شهري شمشاد علي سميت ٻين گم ٿيل شهرين جي بازيابي جي لاءِ درخواستن تي ٻڌڻي ٿي .عدالت پوليس جي روايتي جاچ تي سخت ڪاروڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي ۾ ايس ايس جي سي خلاف هرجاڻي جي دعويٰ جي ڪيس جي ٻڌڻي

عدالت پاران ايس ايس جي سي انتظاميا کي نوٽيس جاري، 18 مئي تي جواب طلب

حادثي ايڪٽ جي تحت ايس ايس جي سي جي خلاف به ڪيس داخل ڪيا ويا

ڪراچي (رپورٽر) سينئر سول جج ويسٽ جي عدالت ۾ ايس ايس جي سي جي خلاف هرجاڻي جي دعويٰ جي ڪيس جي ٻڌڻي ٿي .عدالت ايس ايس جي سي جي انتظاميا کي نوٽيس جاري ڪري 18 مئي تي جواب طلب ڪري ورتو آهي ./بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ايندڙ مئي تائين ايم ڪيو ايم نئين هوندي: خالد مقبول

پاڪستان ۾ جاگيردار سوشلزم جو نعرو لڳائيندا آهن، جيڪي پارٽين ۾ رهن ٿا اهي تبديلي جو نعرو لڳائين ٿا

جيڪي پنهنجي جاگيردارن کي تحفظ ڏين ٿا اهي ڪڏهن به نظام کي بچائي نٿا سگهن

تنظيم اسان جي ضرورت مطابق تبديل ٿيندي يا تنظيم جي ضرورت مطابق تبديلي آڻينداسين

ڪراچي(رپورٽر) ايم ڪيو ايم پاڪستان جي ڪنوينر خالد مقبول صديقي چيو آهي ته ايندڙ مئي تائين ايم ڪيو ايم کي گڏيل ونداسين / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سي او او واٽر بورڊ ڪراچي سان سنڌ اسيمبلي ميمبرن سعديا جاويد ۽ نويد اينٿوني جي ملاقات

واٽر بورڊ شهر ۾ پاڻي جي فراهمي ترجيحي بنيادن تي ڪري رهيو آهي: اسد الله خان

آفيسر ۽ ملازم شهرين کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات پنهنجا فرض سرانجام ڏيڻ ۾ مصروف آهن

وڏي وزير ۽ صوبائي وزير ناصر شاهه جي هدايت تي ت واٽر بورڊ شهر ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي وارن ڪم جاري آهي

ڪراچي (رپورٽر) وزيراعلي سنڌ ۽ مڪاني ادارن واري صوبائي وزير جي خصوصي هدايتن تحت واٽر بورڊ شهر ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي وارن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

سنڌ هاءِ ڪورٽ پان جي پتن تي ٽيڪس لڳائڻ جي حوالي سان درخواست تي فيصلو ٻڌائي ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس عرفان سعادت خان جي سربراهي ۾ ٻه رڪني بنچ پان جي پتن تي ٽيڪس لڳائڻ جي حوالي سان درخواست تي محفوظ فيصلو ٻڌائي ڇڏيو آهي .عدالت ڪسٽم کي جديد سائنسي طريقن سان پان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

اسلام آباد: اين ڊي ايم اي چيئرمين ليفٽيننٽ جنرل انعام حيدر ملڪ جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس جو ڏيک

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ڊاڪٽر عاصم خلاف ڪرپشن نيب ريفرنس ختم ڪرڻ خلاف درخواست تي ٻڌڻي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس نعمت الله ڦلپوٽو تي ٻڌل ٻه رڪني بنچ ۾ ڊاڪٽر عاصم جي خلاف 17 ارب مبينا ڪرپشن نيب ريفرنس ختم ڪرڻ جي خلاف درخواست تي ٻڌڻي ڪئي .ڊاڪٽر عاصم ۽ نيب جا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

چيف سيڪريٽري سنڌ جي صدارت هيٺ اجلاس

سنڌ ۾ ضمني چونڊون 7 مئي تي ٿينديون: سهيل راجپوت

6 لک 90 هزار ماڻهو ووٽ جو حق استعمال ڪندا

ڪراچي (رپورٽر) چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت چيو آهي ته سنڌ ۾ ضمني چونڊون 7 مئي تي ٿينديون، جنهن ۾ 6 لک 90 هزار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

حج پانڌيئڙن وٽان نسوار نڪتي ته انتهائي سخت سزا ڏني ويندي: سعودي اختياريون

حج پانڌيئڙا سمورا لازمي ٽڪا لڳرائين، حج پرمٽ 15 شوال کان جاري هوندو

اجازت نامي لاءِ حفاظتي ٽڪا ۽ ويڪسينيشن مڪمل ڪرڻ بنيادي شرط آهي

رياض (م ڊ) سعودي اختيارين خبردار ڪيو آهي ته حج پانڌيئڙن وٽان نسوار نڪتي ته انتهائي سخت سزا ڏني ويندي، اينٽي نارڪوٽڪس فورس ايئرپورٽس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

نوشهروفيروز ۾ پوليس جي مبينا ڦرمار، متاثرن پاران پاڻ ساڙڻ جو چتاءُ

گوٺ رند موري سان تعلق رکندڙ پورهيت بنگل خان چانڊيو ولد محمد خان چانڊيو ميڊيا آڏو پهچي ويو، پوليس ڏاڍ خلاف دانهون

متاثر ڳوٺاڻي پاران پوليس مٿان غريب ۽ پورهيت ماڻهن کي مختلف بهانا بڻائي لکين روپيا وصول ڪرڻ روز جو معمول هجڻ جا الزام

انصاف ڪيو وڃي، نه ته پريس ڪلب نوشهروفيروز جي اڳيان پنهنجو پاڻ تي پيٽرول هاري پنهنجي زندگي جو انت آڻيندس: ڳوٺاڻو

نوشهروفيروز (ڊ ر) ٿاڻي جو ايس ايڇ او حنيف مهر ۽ نيڪ محمد چانڊيو ماڻهن کي ڦرڻ لڳا. هنن غريب ۽ پورهيت ماڻهن کي مختلف بهانا بڻائي لکين روپيا وصول ڪرڻ روز جو معمول بڻائي ڇڏيو آهي اهڙوئي هڪ واقعو نوشهروفيروز جي ڳوٺ رند /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهروفيروز: ڳوٺ رند موري جا رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

نوشهروفيروز لڳ ڳوٺ عبدالڪريم وسطڙو جي رهواسين جو احتجاج

نوشهرو فيروز (ڊ ر) ڳوٺ عبدالڪريم وسطڙو جا رهواسي هائي رهنڌ پير قربان ڪالوني مليائي روڊ نوشهرو فيروز جا گل حسن وسطڙو ۽ ان جي ڀاڄائي نهال خاتون سنڌس ڀاءُ انور جي ڀوئين گهرواري نيشنل پريس ڪلب تي داتهيندي ٻڌايو ته مسمات رشيدان وسطڙو جنهن منهنجي ڀاءُ کان 2018 ۾ طلاق ورتي هئي ورء 2021 ۾ اسان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

نوشهروفيروز ۾ 7 مئي تي ٽينڊر ضمني چونڊ تياريون مڪمل

3 پولنگ اسٽيشنن کي حساس ۽ 5 کي انتهائي حساس قرار ڏنو ويو

هٿي مرحلي جي سلسلي ۾ انتظام مڪمل ڪيا پيا وڃن: ضلعي اليڪشن ڪمشنر

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) 7 مئي تي ٽينڊر ضمني چونڊن جي ٿي مرحلي لاءِ تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن. 3 پولنگ اسٽيشنن کي حساس ۽ 5 کي انتهائي حساس قرار ڏنو ويو آهي. پاڪستان پيپلز پارٽي جا 2 اميدوار پنا مقابلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ڪراچي سائيٽ جي نيو سبزي منڊي چوڪي انچارج جو ڏاڍايون

چوڪي انچارج پاران نوجوان يونس ولد نظير احمد کي ڪنهن گر ڪرڻ خلاف ڇاپو

سيول جج چوڪي تي ڇاپو هڻي ناحق ٻانڌي ٻڌيل نوجوان کي آزاد ڪرائي ورتو

ڪراچي (رپورٽر)سائيٽ سپر هائي وي ٿاڻي جي نيو سبزي منڊي چوڪي انچارج ممتاز چانڊيو بغيرڪنهن ڏوهه جي شريف شهرين کي اغوا ڪري چوڪي ۾ بند ڪرڻ ڪانپوءِ لکين روپيا ڀتو طلب ڪرڻ لڳو. شهري ساجد رضا رند پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ڪراچي: سيول جج چوڪي تي ڇاپو هڻي ناحق ٻانڌي ٻڌيل نوجوان کي آزاد ڪرائي ورتو

ڪشمور پوليس جي ناجائزين کان تنگ ڳوٺاڻا سراپا احتجاج، انصاف جو مطالبو

ڳوٺاڻا افضل منگي، غلام محمد ميراڻي، ارسلان ملڪ پوليس مبينا ناجائزين خلاف ميڊيا آڏو پهچي ويا

ڌهو تمام ۾ پراڻو ڳوٺ آهي جنهن ۾ 15 کان وڌيڪ ٻين قومن سان واسطو رکندڙ برادريون رهن ٿيون: ڳوٺاڻا

ظلم بند ڪيو وڃي جيئن اسان پنهنجو روزگار ڪري سگهون، پنهنجا ٻارڙا تعليم حاصل ڪري سگهن: اپيل

غوٺپور (رپورٽ: عبدالنبي ملڪ) ڪشمور پوليس جي ناجائزين کان تنگ ٿي ڳوٺ سردار خان سندراڻي برادري جي رهواسي سراپا احتجاج بڻيل ڪجهه وقت اڳ قبائلي تڪرار جي آڙ ۾ سندراڻي برادري جا رهواسي جا هٿيار بند هٿيارن جا منهن ڪولي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

غوٺپور: پوليس جي زيادتين خلاف متاثر رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪنڊڙو پريس ڪلب ڪنڊڙو جي صدر اختر علي ماري جي امڙ لاڏائو ڪري وئي

ڪنڊڙو (رپورٽر) ڪنڊڙو پريس ڪلب ڪنڊڙو جي صدر اختر علي ماري جي امڙ لاڏائو ڪري وئي جنازي نماز ۾ وڏي تعداد ۾ سياسي سماجي شخصيتن جي شرڪت تعزيت جو سلسلو جاري خبرموجب ڪنڊڙو جي مشهور زميندار ۽ حرجماعت جي معزز شخصيت وڏيرو فقير يار محمد ماري جي گهرواري ۽ پريس ڪلب ڪنڊڙو جي صدر اختر علي ماري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

شهدادڪوٽ ۾ پي ٽي آئي پاران اليڪشن لاءِ احتجاجي ريلي

ڪارڪنن ليڊيز ونگ اڳواڻ ناهيد ڪهاوڙ، اعجاز بروهي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي

آئين موجب 90 ڏينهن اندر چونڊون ڪرايون وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج وڌايو ويندو: اڳواڻ

شهدادڪوٽ(رپورٽر) شهدادڪوٽ ۾ پي ٽي آئي ڪارڪنن ملڪ ۾ اليڪشن ڪرائڻ لاءِ احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪيو پي ٽي آءِ ڪارڪنن ليڊيز ونگ جي صوبائي اڳواڻ ناهيد ڪهاوڙ، اعجاز بروهي، رجب سمون، مبين مگسي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ پارٽي جا جهنڊا کڻي احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب پهچي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي پي ڊي ايم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

شهدادڪوٽ ويجهو ٽن گهرن کي باهه، الهه تلهه رک

ڳوٺ الله وڏايو جوڻيجو ۾ رڌ پچاءُ ڪرڻ دوران چلهه مان چڻنگ اُڏڻ ڪري باهه ڀڙڪي پئي

ٻن نياڻين جي ڏاجو ۽ 30 مڻ ڪڻڪ، گهريلو سامان سميت الهه تلهه سڙي ويو

شهدادڪوٽ(رپورٽر) شهدادڪوٽ ويجهو چلهه مان چڻنگ اُڏڻ ڪري ٽن گهرن کي باهه وڪوڙي وئي، باهه سبب گهر ۾ پيل الهه تله سڙي خاڪ. شهدادڪوٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

پريالوءِ ويجهو ٻن مقتولن جي وارثن پاران ڊي آءِ جي سان ملاقات، شڪايتون

ڳوٺ عثمان ڳاهيچو ۾ مارجي ويل مقيم ۽ عجيب لاکو جي وارثن پاران شڪايتون ڪيون ويون

متاثرن پاران وس وارن ادارن کان معاملي جي شفاف جاچ ڪري انصاف فراهم ڪرڻ جو مطالبو

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) پرياستي پرسان ڳوٺ عثمان ڳاهيچو ۾ مارجي ويل مقيم ۽ عجيب لاکو جي وارثن آدم لاکو اڙ زبيل لاکو اربيلان لاکو ۽ ٻين ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد يونس چانڊيو سان ملاقات ڪري مقتولن مقيم لاکو ۽ عجيب لاکو ڪيس بابت شڪايتون ڪيون ان سلسلي ۾ مقتولن جي وارثن آدم لاکو اربيلان لاکو ۽ زبيل لاکو ميڊيا کي ٻڌايو ته ڊي آءِ جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

محرابپور ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي ڪارڪنن طرفان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

سردار ارشاد سانڊ، مولابخش ٽيبو، ڊاڪٽر راشد مغل، مجاهد سامٽيو، عطا حسين سهتو، عرفان بالادي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

ملڪ بچايو سپريم ڪورٽ زنده باد، عمران خان زنده باد، مهانگائي ختم ڪريو دوران لاقانونيت سرعام ٽينڊر ڪرپشن خلاف نعريبازي ڪئي

امپورٽيڊ حڪومت عدالت سڳوري جي اعلانيل اليڪشن ڪرائڻ واري حڪم تي عمل ڪرائڻ کان پڇي رهي آهي: اڳواڻ

محرابپور (مجاهد علي سامٽيو) محرابپور شهر ۾ علي علي پي سي او ٽائين پاڪستان تحريڪ انصاف جي ڪارڪنن ۽ شهرين پاران هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ جهنڊا کڻي اليڪشن ڪرايو ملڪ ۽ آئين بچايو، بابت احتجاجي ريلي سردار ارشاد سانڊ، مولابخش ٽيبو، ڊاڪٽر راشد مغل، مجاهد سامٽيو، عطا حسين سهتو، مشتاق سيال، امان الله گهاتگهرو، عرفان بالادي، علي اصغر هاليپوٽو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

محرابپور: پاڪستان تحريڪ انصاف جا ڪارڪنن مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

سرحد پرسان ڪرنل موڙ وٽ ڪار ۽ مزدا ۾ ٽڪر

سرحد (غلام عباس مهر) سرحد پرسان ڪرنل موڙ وٽ ڪار ۽ مزدا ۾ ٽڪر، وڪيل سيد قمبر شاه سميت ٽي ڄڻا زخمي،زخمين ۾ وڪيل قمبر شاه ڪاظمي، ذوالفقار سومرو ۽ هيروجي شامل، وڪيل قمبر شاه پاران حادثي ۾ جي ڊي اي ايم پي علي گوهرخان مهر سنڌس ڀاءُ ايم پي اي راجا خان ۽ پٽ حاجي خان مٺان الزام، علي گوهر خان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

پي ٽي آءِ وارن جو ڪوڙ واضح ٿي چڪو آهي: خورشيد ميراڻي

ن ليگ قائدين تي داخل ڪرايل ڪوڙي ڪيسن ۾ پي ٽي آءِ وارن کي ڪجهه به نه مليو

موجوده حڪومت عوام کي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهي آهي: ن ليگ اڳواڻ

سکر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان مسلم ليگ ن سکر ضلعي جي صدر خورشيد ميراڻي چيو آهي ته ن ليگ جي قائدين خلاف پي ٽي آءِ وارن جو ڪوڙ عوام آڏو واضح ٿي چڪو آهي ن ليگ قائدين تي داخل ڪرايل ڪوڙي ڪيسن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سجاول ۾ آل ڪلرڪ ايسوسيشن جي ملازمن جو پگهارون نه ملڻ خلاف احتجاج

آل ڪلرڪ ايسوسيشن ضلع سجاول پاران اپيڪا ضلع صدر محمد بچل لغاري جي اڳواڻي ۾ عزيز باگهل جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

ڊسٽرڪٽ ويلفيئر پاپوليشن آفيسر عبدالوحاب عباسي ملازمن سان نانصافي ڪري انهن جون پگهارون بند ڪري ڇڏيون آهن: مظاهرين

آفيسر پگهارون ڏيڻ بدران هٿرادو مسئلا پيدا ڪري ملازمن کي پريشان ڪري رهيو آهي ۽ ملازمن سان بدڪلامي سان پيش ايندو آهي

سجاول (ممتاز علي نهڙيو)سجاول ۾ آل ڪلرڪ ايسوسيشن جي ملازمن جو پگهارون نه ملڻ خلاف احتجاج، سجاول ۾ آل ڪلرڪ ايسوسيشن ضلع سجاول پاران اپيڪا ضلع صدر محمد بچل لغاري جي اڳواڻي ۾ عزيز باگهل، طالب حسين انڙ، مهتاب قريشي، پريم ڪمار، محمد آچار ڪڍائي، نويد حسين ميمڻ، عباس پٺاڻ، شيرين ميمڻ، مومن، عظمت خاتون ۽ ٻين ڊسٽرڪٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

سجاول: آل ڪلرڪ ايسوسيشن جا ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

غوٺپور دوڪان جي ڇت کي ڪاٽ. لکين روپين جي چوري

غوٺپور (عبدالنبي ملڪ) غوٺپور شهرجي مٿن بس اڏي پرسان اڻ ڄاتل چور هندو واپاري منيش ڪمارجي موبائيل جي دوڪان جي ڇت کي ڪاٽ هڻي لکين روپين جون ڏهه کان وڌيڪ قيمتي موبائيلون ۽ خاني جا تالا ڀڃي سترهزار روڪ رقم ۽ ٻيو قيمتي سامان چورائي فرار ٿي ويا متاثر دوڪان دار پاران پوليس اطلاع ملڻ بعد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

عادلپور ويجهو ٻن ڄڻن کان ڦر، مظاهرو، شٽر بند هڙتال

استاد ٻلي رام ۽ دليپ ڪمار ڪريجا کان هڪ لک روپيا روڪ ۽ 3 موبائل فون ڦر ڪيا ويا

هندو برادري شهر ۾ مڪمل شٽر بند هڙتال ڪري مين چوڪ تي مظاهرو ڪندي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو

عادلپور(رپورٽ:اسلم مهر) عادلپور شهر مان رات دير سان هٿيار بندن استاد ٻلي رام ۽ دليپ ڪمار ڪريجا کان هٿيارن جي زورتي هڪ لک روپيا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

عادلپور: وڌندڙ بدامني خلاف رهواسي احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

مليرمين صحافت جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان تقريب، صحافين کي اجرڪن جا تحفا پيش

ميمڻ ڳوٺ ۾ پاڪستان زنده باد بيسڪ آرگنائيزيشن پاران مليرجي صحافين کي اجرڪون پارائي عزت سان نوازيو ويو

تقريب ۾ رانا محمد افضل،ظهير احمد ميمڻ، عالم شير اعوان ،محب الله شاهه ، اسدالله ميمڻ، ڊاڪٽر غلام محمد بروهي شريڪ

صحافت پيغمبري پيشو آهي، صحافي بنا خوف جي مظلومن جي آواز کي اعوانن تائين پهچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا: تقريرون

ڪراچي (رپورٽر) صحافت جي عالمي ڏينهن تي ميمڻ ڳوٺ ۾ پاڪستان زنده باد بيسڪ آرگنائيزيشن جي پاران مليرجي صحافين کي اجرڪون پارائي عزت سان نوازيو ملير ميمڻ ڳوٺ ۾ پاڪستان زنده باد بيسڪ آرگنائيزيشن جي سرپرست اعليٰ رانا محمد افضل چيرمين ظهيراحمد ميمڻ سينيئر وائيس چيرمين عالم شير اعوان جنرل سيڪريٽري محب الله /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ٺٽي ۾ پي ٽي آءِ سنڌ ڪائونسل جو اجلاس، اهم اڳواڻ شريڪ، مختلف معاملن تي ويچار

اجلاس صوبائي صدر علي زيدي جي صدارت ۾ انصاف سيڪريٽريٽ سنڌ ۾ ٿي گذريو، لياقت جتوئي ، غوث علي شاهه شريڪ

مبين جتوئي، اشرف جبار قريشي، سدرا عمران، ڪيرحاڪر سميت ٻين اڳواڻن اجلاس ۾ شرڪت ڪئي، غوي ويچار ڪيو ويو

انشاءَالله پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ هن ايري چونڊن ۾ سنڌ سميت ملڪ مان ڀرپور ڪاميابي ماڻيندي: ذوالفقار علي شاهه

ٺٽو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ)پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ ڪائونسل جو اجلاس پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي صدر علي زيدي جي صدارت ۾ انصاف سيڪريٽريٽ سنڌ ۾ ٿي گذريو اجلاس ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي اڳواڻ سيد ذوالفقار علي شاهه، سنڌ جي اڳواڻن وڏن وزيرن ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف جي مرڪزي اڳواڻن لياقت علي جتوئي ـ سيد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

غوٺپور ۾ صوفي سنت سائين گرداس رام جو ميلو پڄاڻي تي پهتو

ڪراچي ڪانسواءِ ٻين مختلف شهرن مان سوين عورت توڙي مرد عقيدتمندن اچي حاضري ڀري

ٽيئي ڏينهن مندر کي ڪنوار جيان سينگاريو ويو ،پوليس پڪٽون هڻي سيڪيورٽي سخت ڪئي

غوٺپور (عبدالنبي ملڪ) غوٺپور شهرجي قديم تاريخي بابا غريبداس مندر ۾ هندن جي روحاني پيشوا ۽ صوفي سنت سائين گرداس رام جي 48 هين ورسي جو ميلو اڄ ٽئين ڏينهن پڄاڻي تي پهتو هن ميلي جي آخري ڏهاڙي سنڌ جي مختلف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

عورتن کي بنا ڪٽوتي جي پئسا ملي رهيا آهن: زاهد شاهه بخاري

سموريون قسطون هڪ وقت ملڻ تي عورتن جا ڪيترائي مسئلا حل ٿين ٿا

سکر هائوس غريب ماڻهن جو سهارو بڻيل آهي: پ پ اڳواڻ جون ڳالهيون

سکر(امداد علي گل ڪلوڙ)پاڪستان پيپلز پارٽي جي ورڪر سيد زاهد شاهه بخاري سکر جي ليبر ڪالوني ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام آفيس ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته اسان جي آفيس مان بينظير انڪم سپورٽ پروگرام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

پي ٽي آئي يوٿ ونگ ضلعي شڪارپور جي چونڊ محسن سومرو صدر منتخب

عبدالحفيظ سيٺار سينئر نائب صدر، وسيم پتو کي جنرل سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو

پارٽي جي مشن کي اڳتي وڌائيندي پارٽي کي وڌيڪ مظبوط ۽ مستحڪم ڪندس:محسن

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) پي ٽي آئي يوٿ ونگ ضلعي شڪارپور جي چونڊ محسن سومرو صدر چونڊجي ويو. پارٽي قيادت اعتماد ڪندي ذميواري ڏني آهي. محسن سومرو. خبر موجب: پي ٽي آئي يوٿ ونگ پاران ضلعي شڪارپور لاءِ محسن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سن ويجهو انڊس هاءِ وي تي وين ڪلٽي، عورت سميت 4 ڄڻا فوت، 12 زخمي

ڪلري انڊس هاءِ وي تي دادو کان ڪوٽڙيءِ ويندڙ تيز رفتار وين ٽائر برسٽ ٿيڻ سبب ڪلٽيون کائي روڊ کان هيٺ اونڌي ٿي پئي

جوهي واسي جان محمد پنهور، جهانگارا واسي مولا بخش ٻهر سميت 4 مسافر ٿلهي تي فوت ٿي ويا، عورتن ٻارڙن سميت 12 زخمي

زخمين ۾ رخسانه زال خميسو ڏيٿو، سنڌس ڏيئرون غلام صغره ڌيءِ غلام رڪيه ڌيءِ خميسو ڏيٿو، مڙس خميسو ڏيٿو ۽ ٻيا شامل

مانجهند(رپورٽ:مهراڻ عمراڻي) سن پرسان انڊس هاءِ وي تي ٽائر برسٽ ٿيڻ سبب وين ڪلٽي هڪ عورت سميت 4 ڄڻا فوت 12 زخمي اسپتال منتقل تفصيل موجب سن پرسان ڪلري انڊس هاءِ وي تي دادو کان ڪوٽڙيءِ طرف ويندڙ تيز رفتار وين ٽائر برسٽ ٿيڻ سبب ڪلٽيون ڪائيندي روڊ کان هيٺ اونڌي ٿي پئي جنهن جي نتيجي ۾ جوهي واسي 40 ورهين جو جان محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

مليرويجهو مليل لاش جي سڃاڻپ جام ڪندو واسي طور ٿي وئي

محمد علي حيدري کي 3 ڏينهن اڳ چوري جي شڪ ۾ ميمڻ ڳوٺ ٿاڻي تي بند ڪرايو ويو

مالڪ وري ڇڏرائي واپس ڪئي ويو جنهن جو تشدد ٿيل لاش ملير سٽي ٿاڻي حد مان مليو

ڪراچي (رپورٽر) مليرسٽي ٿاڻي جي حد مان تشدد ٿيل لاش جي سڃاڻپ جام ڪندو واسي محمد علي ولد جمعه حيدري طور ٿي وئي. تفصيل موجب محمد علي حيدري 3 ڏينهن ٻهريان چوري جي شڪ ۾ ميمڻ ڳوٺ ٿاڻي تي بند /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

پيرلوءِ لڳ ڳوٺ عيسن پيو جي نينگر سان زيادتي جا جوابدار گرفتار نه ٿيا، وارثن جو احتجاج

نينگر عبدالسلام پيو سان مبينا بدفعلي جا جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف وارثن ۽ ٻيا برادري جي ماڻهن احتجاجي مظاهرو ڪيو

مظاهري جي اڳواڻي نعمت الله پيو، مشتاق پيو، فدا حسين پيو، نصرالله پيو ۽ ٻين ڪئي، سخت نعريبازي ڪئي وئي

واقعي کي 8 ڏينهن گذري چڪا آهن جوابدار هالار لاڙڪ ۽ عبدالرحمان منگريو کي پوليس هن وقت تائين گرفتار نه ڪري سگهي آهي: مظاهرو ڪندڙ

پيرلوءِ: 10 سالا نينگر سان مبينا بدفعلي جي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

پيرلو (رپورٽر) پيرلو، 8 ڏينهن اڳ پيرلوءِ ٿاڻي جي حد ڳوٺ عيسن پيو جي رهواسي 10 سالا نينگر سان مبينا بدفعلي جا جوابدار گرفتار نه ٿي سگهيا، وارثن ۽ ٻيا برادري جو احتجاجي مظاهرو، خبرموجب 8 ڏينهن اڳ پيرلوءِ ٿاڻي جي حد ڳوٺ عيسن پيو جي رهواسي 10 سالا نينگر عبدالسلام پيو سان مبينا بدفعلي جا جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف وارثن ۽ ٻيا برادري جي ماڻهن احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهري جي اڳواڻي نعمت الله پيو، مشتاق پيو، فدا حسين پيو، نصرالله پيو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. ان موقعي تي احتجاج جي اڳواڻي ڪندڙن صحافين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

وارهه ۾ ڦورن جي دڪان تي ڪاهه، اٽي جو ڪٽو سگريٽ ۽ روڪ رقم ڦر

ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي جا ڀيانڪ نتيجا سامهون اچڻ لڳا، ڌاڙهي وارداتيون برقرار

حبدار مگنيجو جي دڪان ڪاهه ڪري ڪي هٿيارن جي زور تي ڦر ڪئي وئي

وارهه (رپورٽ:طالب حسين چانڊيو) وارهه ۾ ڦرجي انوکي وارادات، نامعلوم ڦورون جي دڪان تي ڪاهه، اٽي جو ڪٽو سگريٽ ۽ روڪ رقم ڦر ڪري آساني سان فرار خبر موجب: ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي جا ڀيانڪ نتيجا سامهون اچڻ لڳا. ڌاڙهي وارداتيون برقرار، وارهه ۾ سيٺ موٽومل جي مشين جي پرسان نامعلوم هٿياربند ڦورن جي ڏينهن ڏٺي جو گهٽي ۾ ٿائر حبدار مگنيجو جي دڪان ڪاهه ڪري دڪاندار کي هٿيارن جي زور تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظير آباد جي صدارت هيٺ اجلاس

ضلعي ۾ ڪڻڪ جو مقرر ڪيل ٽارگيٽ حاصل ڪرڻ، ڪڻڪ، ڪڻڪ ۽ يوريا ڀاڻ جي ذخيره اندوزي روڪڻ تي بحث ڪيو ويو

ضلعي ۾ ڪڻڪ، ڀاڻ ۽ ڪڻڪ جو ذخيرو ڪندڙن خلاف سخت قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي: ڊپٽي ڪمشنرشهريار گل ميمڻ

نواب شاهه (رپورٽر)ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد شهريارگل ميمڻ جي صدارت هيٺ ضلعي ۾ ڪڻڪ جو مقرر ڪيل ٽارگيٽ حاصل ڪرڻ، ڪڻڪ ڪڻڪ ۽ يوريا ڀاڻ جي ذخيره اندوزي کي روڪڻ ۽ ذخيرو ڪندڙن خلاف ڪاروائي کي تيز ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سکر ۾ جي يو آءِ سٽي جو اجلاس، مختلف معاملن تي ويچار

سٽي جي امير مفتي سعود افضل هاليجوي جي صدارت ۾ مجلس عامله جو اجلاس ٿيو

عهديدارن جي وڏي تعداد ۾ شرڪت، شهر جي عوامي مسائل بابت اهم فيصلا ڪيا ويا

سکر(بيوروروپورٽ) جمعيت علماءِ اسلام سٽي سکر پاران شمس آباد سکر ۾ جي يوآءِ سٽي سکر جي امير مفتي سعود افضل هاليجوي جي صدارت ۾ مجلس عامله جو اجلاس ٿي گذريو، جنهن ۾ عهديدارن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي، اجلاس ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

غلام الله لڳ ڳوٺ ٻقادار ناهيو جو روڊ مرمت نه ٿيڻ سبب زبون حال بڻجي ويو

رهواسين جون دانهون روڊ نئين سر تعمير ڪرائي ڳوٺاڻن کي پريشاني کان بچائڻ جي گهر ڪري ڇڏي

ڳوٺ جو روڊ ڪيتري ئي وقت کان مرمت نه ٿيڻ ڪري مڪمل ٽٽي تباهه ۽ برباد ٿي ويو آهي: رهواسي

جيڪو هاڻي هلڻ جي قابل به ناهي رهيو، ويتر ڪجهه ڏينهن اڳ پيل برسات سموري ڪسر پوري ڪري ڇڏي آهي: غلام علي ناهيو/ عبداللطيف ۽ ٻيا

ٺٽو(رپورٽر) غلام الله لڳ ڳوٺ ٻقادار ناهيو جو روڊ مرمت نه ٿيڻ ڪري ٽٽي تباهه ٿي زبون حال بڻجي ويو، گاڏيون هلڻ به مشڪل بڻيل، رهواسين جون دانهون روڊ نئين سر تعمير ڪرائي ڳوٺاڻن کي پريشاني کان بچائڻ جي گهر ڪري ڇڏي آهي، ان سلسلي ۾ غلام الله لڳ ڳوٺ ٻقادار ناهيو جي ڪيترن ئي رهواسين سنڌن ڳوٺ جو روڊ نئين سر تعمير ڪرائڻ لاءِ احتجاج ڪندي غلام علي ناهيو، عبداللطيف، غلام رسول، محمد سليمان، غلام مصطفيٰ ناهيو ۽ ٻين چيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ڪنڊڙو ۾ نوجوان جمڙائو ڪئنال ۾ ٽپو ڏئي خودڪشي ڪري ڇڏي

ڪراچي ۾ مزدوري ڪندڙ 22 ساله مڪيش ڪمار پنهنجي گهرڀاتين سان ناراض ٿي پيو هو

مقامي ٽوبن پاران ڪيترن ئي ڪلاڪن کان ڳولا جاري، لاش هٿ اچي نه سگهيو، گهر ۾ روڄ

ڪنڊڙو(رپوٽ) ڪنڊڙو ۾ نوجوان گهرو ناراضگي تي جمڙائو ڪئنال ۾ ٽپو ڏئي خودڪشي ڪري ڇڏي مقامي ٽوبن جي ڪيترن ڪلاڪن جي ڳولا باوجود لاش هٿ نه اچي سگهيو ضلعي انتظاميه لاش ڳولائڻ ۾ مدد نه ڪرڻ تي وارثن جو احتجاج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

نواب شاهه: سماجي تنظيم ٽرديپ پاران 5 ڪي وي جي لڳايل سولر سسٽم جو افتتاح

نياڻين کي تعليم جون بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڊويزنل ۽ ضلع انتظاميه پاران ڪاليج انتظاميه سان هر ممڪن سهڪار ڪيو ويندو: محمد عباس بلوچ

ٽرديپ رورل ڊولپمينٽ پروگرام پاران ضلع جي مختلف تعليمي ادارن ۽ صحت مرڪزن ۾ سولر سسٽم نصب ڪيو ويو آهي جيڪو بهترين قدم آهي

جنهن سان تعليمي ادارن ۽ صحت مرڪزن ۾ بجلي جي لوڊشيڊنگ وارو مسئلو حل ٿي ويندو: ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڊويزن محمد عباس بلوچ

نوابشاهه (رپورٽر) ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڊويزن محمد عباس بلوچ ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد شهريار گل ميمڻ سان گڏ گورنمينٽ گرلز ڊگري ڪاليج نوابشاهه ۾ سماجي تنظيم ٽرديپ پاران 5 ڪي وي جي لڳايل سولر سسٽم جو افتتاح /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

بدين جي دڪان مان چوري جي شڪ واري الزام هيٺ گرفتار نوجوان جي وارثن جو احتجاج

سي سي ٽي وي مان مليل فوٽيج ڏسڻ بعد پوليس منهنجي پٽ سجاد شيخ کي شڪ ۾ گرفتار ڪيو: پيءُ

پوليس کي اصل جوابدار ٺٽو ملي واپارين جي پريشر کي برداشت نه ڪندي پوليس بيگناهه سجاد شيخ کي گرفتار ڪيو آهي

ايس ايس پي بدين ۽ آئي جي سنڌ کان پڻ انصاف جي اپيل ڪئي ته اصل جوابدار گرفتار ڪيا وڃن

بدين (ڊ ر) ڪجهه ڏينهن اڳ حاجي رمضان سومرو جي دڪان مان چوري ٿي هئي جنهن جا سي سي ٽي وي مان مليل فوٽيج ڏسڻ بعد پوليس منهنجي پٽ سجاد شيخ کي شڪ ۾ گرفتار ڪيو آهي جيڪو مزدوري ڪندو آهي ڪجوريون وڪرو ڪندو آهي پوليس کي اصل جوابدار ٺٽو ملي واپارين جي پريشر کي برداشت نه ڪندي پوليس بيگناهه سجاد شيخ کي گرفتار ڪيو آهي پوليس زبردستي ڏوهه باسرائڻ چاهي ٿي سجاد جي والد عثمان شيخ ۽ ماءُ زليخان نيشنل پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪندي چيو ته منهنجي پٽ جي عمر 17 سال آهي ۽ بيگناهه آهي ڪيس آزاد ڪيو وڃي انهن ايس ايس پي بدين ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

غوٺپور ۾ 4 مغوين جي بازيابي لاءِ مظاهرو، ڌرڻو ٻاهيون

هٿياربندن هٿان اغوا ٿيل غوٺپور واسي ڇهن پورهيتن جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو ويو

پوليس ڌرڻي واري هنڌ پهچي مغوين جي وارثن کان ڇهن ڏينهن جي مهلت وٺي روڊ کولرايو

غوٺپور (عبدالنبي ملڪ) غوٺپور، اڄ ڏينهن اڳ شهر پرسان جمال ٿاڻي جي حد جي ڳوٺ مولوي غلام رسول بجاراڻي واري علائقي مان اڻ ڄاتل هٿياربندن هٿان مبينا طور اغوا ٿيل غوٺپور واسي ڇهن پورهيتن حاجي خدابخش ٽانوري فقير الله ڏنو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

غوٺپور: مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

سنڌ ۾ برسات جي اڳڪٿي: ضلعي ٺٽي طرفان سمورن ملازمن جون موڪلون ختم

سيڪريٽري لائيو اسٽاڪ سنڌ ڊاڪٽر حفيظ احمد سيال جي خاص هدايتن تي لائيو اسٽاڪ کاتي موڪلون ختم ڪيون

چوپائي مال کي مختلف وچرندڙ بيمارين کان بچاءُ خاطر سخت اپاءُ وٺندي چوپائي مال کي مفت ويڪسين ڪري بچاءَ جا ٽڪا لڳرائڻ سان گڏ بيمار جانورن جو علاج جاري ڪري ڇڏيو آهي

ٺٽو(رپورٽر) سنڌ ۾ شديد برساتن جي ڪيل اڳڪٿي بعد سيڪريٽري لائيو اسٽاڪ سنڌ ڊاڪٽر حفيظ احمد سيال جي خاص هدايتن تي لائيو اسٽاڪ کاتي ضلعي ٺٽي طرفان سمورن ملازمن جون موڪلون ختم ڪري ايمرجنسي سينٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
جمعو 05 مئي 2023ع

ٽن سالن تائين 'گذارا الائونس' جي ادائگي نہ ٿيڻ واري ڪارڪردگي

هونئن تہ ملڪ جي سمورن صوبن ۾ گورننس جو پروفائل بهتر تہ پري جي ڳالهہ، اهڙو بہ نہ آهي، جنهن کي اطمينان جوڳو ئي چئي سگهجي، پر انهن صوبن مان بہ سنڌ جي حالت بنهہ گهڻي خراب آهي، جتي انتظامي وائڙائپ جا بجا نظر ايندي. انتظامي افراتفريءَ جو سبب سرڪاري کاتن جي ناقص ڪارڪردگي ۽ ڪاموڪي خلق طرفان پنهنجا فرض پورا نہ ڪرڻ آهي. جنهن جو هڪ مثال زڪوات کاتي جي نا اهلي آهي، جنهن جي پروڙ 'پنهنجي اخبار' ۾ ڇپيل ان خبر مان پوي ٿي، جنهن ۾ ڄاڻايل آهي تہ، سنڌ جي هڪ لک کان بہ وڌيڪ مستحق ماڻهن کي ٽن سالن کان گذارا الائونس ملي نہ سگهيو آهي. زڪوات کاتي هڪ مخصوص بينڪ کي اي ٽي ايم ڏاهڻ جي ذميواري ڏني پر ان بينڪ جي ناقص ڪارڪردگيءَ سبب هڪ لک، 10 هزار مان رڳو 11 هزار، 878 اي ٽي ايم مس نهيا. ڪارڊ دير سان ملڻ سبب مستحق رمضان ۽ عيد دوران گذارا الائونس جي رقم بينڪ مان حاصل ڪري نہ سگهيا. ان حوالي سان وڏي وزير جي صلاحڪار فياض ٻٽ جو اهو موقف رپورٽ ٿيو آهي تہ، پئسا جاري ڪرڻ واري طريقيڪار کي شفاف بنائڻ سبب دير ٿي آهي.

سنڌ ۾ غربت ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ تمام گهڻي آهي. سنڌ کي پاڻيءَ جو مناسب حصو نہ ملڻ جي ڪري زرعي معيشت تباهہ ٿي ويئي آهي. ويتر مهانگائيءَ ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. شاهہ لطيف جي شاعراڻي اصطلاح ۾ اهڙي اجائي حياتيءَ کي 'جاڙ جيئڻ' چئجي ٿو. سنڌ جا ماڻهو اهڙي زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. انهن ۾ بہ هڪ لک کان مٿي اهڙا ماڻهو آهن، جن کي زڪوات جو مستحق قرار ڏنو ويو آهي، پر حد تہ اها آهي، جو انهن کي ٽن ٽن سالن تائين زڪوات مان گذارا الائونس جاري نہ ڪيو ويو. جڏهن ان کاتي جو ڪامورڪو لڏو اها بنيادي منصبي ذميواري ئي پوري نٿو ڪري سگهي تہ ان نا اهل نفريءَ کي عوام جي ٽيڪسن جي ناڻي تي ڇيتي ٻڌائي آخر ڇو پالجي؟ سنڌ جي وڏي وزير جي صلاحڪار نامدار جو چوڻ آهي تہ پئسن جي ورهاست جي طريقہ ڪار کي شفاف بنائڻ سبب دير ٿي آهي. حيرت اها آهي تہ ٽن سالن تائين طريقہ ڪار کي 'شفاف' بنائڻ لاءِ ڪم هلندو رهيو، پر اها شفافيت ان سڄي عرصي ۾ حاصل ٿي نہ سگهي آهي؟ هاڻي جڏهن ميڊيا ۾ خبرون آيون آهن تہ زڪوات کاتي جي انتظاميا جي ڪهر ٽٽي آهي. ٽن سالن تائين مستحق ماڻهن کي گذارا الائونس کان محروم رکڻ واري ڪارڪردگيءَ کي ڇا چئجي؟ هي وڏي وزير جو صلاحڪار کهڙو جواز پيو پيش ڪري؟ مسڪين مستحق ماڻهن، جن ۾ معذور، بيواهون ۽ مجبور انسان شامل آهن. انهن کي ٽن سالن تائين مانيءَ گرهہ کان محروم ڪرڻ لاءِ ڇا اهو جواز ڪافي آهي؟ اهڙي ڪارڪردگيءَ سان ڪهڙي قسم جي گورننس جو پروفائل جڙي ٿو؟ هڪ مخصوص بينڪ کي اي ٽي ايم ڪارڊن جي تياريءَ جي ذميواري ڏني وئي، جيڪا پوري ٿي نہ سگهي، جنهن سان پڻ کاتي جي ساک متاثر ٿي آهي. مستحق ماڻهن کي زڪوات کاتي طرفان نہ صرف گذارا الائونس ملندو آهي، پر غريبن کي نياڻين جي ڏاج لاءِ رقم، علاج معالجي تي ايندڙ خرچ (ميڊيڪل)، مالي مدد ۽ شاگردن کي اسڪالرشپ جي مد ۾ رقم پڻ ملندي آهي. غريب ۽ مستحق ماڻهن جي ان رقم مان ٿورڙي مدد ٿي سگهندي آهي ۽ اها رقم جيئن تہ امانت هوندي آهي، جيڪا بنا ڪنهن خيانت جي حڪومت کي مستحق ماڻهن تائين پهچائڻي پوندي آهي پر ٽن سالن تائين گذارا الائونس جي ادائگي نہ ڪرڻ واري عمل کي ڇا چئجي؟

حيرت اها آهي تہ هن جديد ٽيڪنالاجي جي تيز ترين دور ۾ بہ منتظمين ٽن سالن جي وڏي عرصي ۾ بہ زڪوات مان ملندڙ گذارا الائونس جي شفاف ورهاست کي يقيني بڻائي نہ سگهيا آهن! جي هڪڙي بينڪ اي ٽي ايم ڪارڊن جي تياريءَ ۾ ڪوتاهيءَ جو مظاهرو ڪري ٿي ۽ اهو ٽاسڪ مقرر وقت ۾ پورو نٿي ڪري سگهي تہ ڇا سنڌ ۾ اها صرف هڪڙي ئي بينڪ آهي؟ ان کي گوٺاڻ وارين اٽڪلن کي ڇڏي گذارا الائونس واري رقم جي ترت ورهاست جو بندوبست ڪيو وڃي. سنڌ جي انتظامي سربراهہ کي بہ زڪوات کاتي جي اهڙي ناقص ڪارڪردگيءَ جو نوٽيس وٺڻ گهرجي.

بلاول جو دورو ۽ سرحدي لَڪيرن ۾ قيد خواب

ميان مير چانڊيو

ڪوڪرا پار ۽ واڳها بارڊر هن وقت بند آهن. ماڻهو اهو سوچي وينا آهن تہ پرڏيهي معاملن جو وزير بلاول ڀٽو زرداري جي هندستاني دوري سان ممڪن آهي تہ واڳها بارڊر ۽ ڪوڪراپار سرحدون کُلي پون. هِي ٻئي بارڊر اڳوڻين حڪومتن ۾ بہ ٿوري وقت لاءِ کُلندا ۽ بند ٿيندا رهيا آهن. اهي بارڊر بند تڏهن ڪيا ويندا آهن، جڏهن ٻنهي حڪومتن وچ ۾ حالتون خراب ٿينديون آهن. اهي ٻئي بارڊر کُلڻ سان هندستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ واپار سميت ماڻهن جي هڪ ٻئي ڏانهن اچ وڃ ٿيندي آهي. گڏوگڏ ماڻهن کي سرحد پار سنڌن مقدس هنڌن جي زيارت جا بہ موقعا نصيب ٿيندا آهن. سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ هندن توڙي سکن جا روحاني مرڪز ۽ مندر آهن. اهڙي طرح سان هندستان ۾ بہ تاريخي ۽ تفريحي هنڌ موجود آهن. ملڪي سنگين صورتحال سبب پاڪستاني ماڻهن جي هندستان ۽ هندستاني ماڻهن جي پاڪستان جي انهن هنڌن تائين رسائي ناممڪن رهندي آهي، جنهن ڪري انهن ماڻهن جا جذبا سرحدن جي لَڪيرن ۾ قيد رهجي وڃن ٿا. جيئن ننڪاڻا صاحب ۾ سکن جو روحاني مرڪز آهي. گُرو نانڪ سِکن جو رُوحاني اڳواڻ هو. گرو نانڪ جو جنم 15 اپريل 1469ع ۾ ننڪاڻا صاحب ۾ ٿيو. هن 22 سيپٽمبر 1539ع تي گردواره دربار ڪرتارپور ۾ وفات ڪئي ۽ ان ئي هنڌ مدفون آهي. هي سک مت جو باني هو. سندس زندگي جو وڏو حصو سفر ۾ گذريو. سندس سفر کي "اداسي" سڏيو ويندو آهي. سکن جي ڪتابن ۾ سندس سفر کي چئن پنجن "اداسين" ۾ ورهايو ويو آهي. انهن اداسين ۾ پاڻ هنگلاج، مڪي ۽ مديني ويا. گذريل حڪومت جڏهن سکن کي سندن روحاني هنڌ اچڻ جي اجازت ڏني تہ اهي ڪرتارپور پهتا ۽ ڏاڍا خوش هئا.

سنڌ ۾ وري مٽياري ويجهو هندن جي روحاني اڳواڻ اڏيري لال جو آستان آهي، جنهن کي جهولي لال جو اوتار بہ سڏين ٿا. هنن جي روايت مطابق اڏيرو لال نصرپور جي رتنراءِ لوهاڻي جي گهر ۾ چيتي چنڊ 1007 سنبت ۾ ڄائو. ڄمڻ وقت ايستائين ماءُ جو کير نہ پيتائين. جيستائين سنڌو درياءَ جو پاڻي سندس وات ۾ نہ پيو. ان روايت موجب کيس درياءَ بادشاهہ جي اوتار طور پڻ ڄاتو ويندو آهي. هن کي جهولي لال ۽ پلي وارو پير بہ سڏين ٿا. اڏيري لال جو آستان هندن جي مذهبي عقيدي جو اهم مرڪز رهيو آهي. اڏيري لال جا آستان ٺٽي، سيوهڻ، ساڌ ٻيلي روهڙي ۽ نصرپور ۾ آهن. سنڌ ۾ درياءَ جتان جتان لنگهيو ٿي، اتي اڏيري لال جا آستان نهيا ٿي.

مسلمانن ان خيال کي وري خواجا خضر جي روپ ۾ محفوظ ڪيو.

سنڌي هندو جڏهن ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌ مان لڏي هندستان هليا ويا تہ هنن اڏيري لال لاءِ هڪ رچنا ڳائي هئي، جنهن جا ٻول هئا: "ادا ڙي مهاڻا ٻيڙي وارا، آئون لال تي ٿي وڃان". اهو دور اهڙو هو، جنهن ۾ سنڌ مان لڏي ويلن نہ رڳو پنهنجي ڌرتي ڇڏي پر سندن روحاني ۽ عقيدي وارين زيارتون بہ ڇڏيون هيون، جنهنڪري انهن کي هندستان ۾ سدائين پنهنجي جنم ڀومي جي وڇوڙي جو درد ستائيندو رهيو. هنن پنهنجي شاعريءَ ۾ سنڌو درياءَ، سنڌ ڌرتي، درويشن، شاهہ لطيف، قلندر، اڏيرو لال، وڻن ۽ ولين کي خوب ڳايو.

وطن کان جدا ٿي لڏيندا وڃن ٿا
پکي ديس پنهنجو ڇڏيندا وڃن ٿا

جهڙا سوين گيت رچيا، جيڪي ٻڌندڙن کي بہ گهائي وجهندا هئا. سنڌ ۾ هندن جو هڪ ٻيو اهم روحاني هنڌ ساڌ ٻيلو بہ رهيو آهي، جتي هڪ تاريخي مندر آهي، جيڪو بنکنڊي چنڊ شرما نهرايو هو. جڏهن هُو 1803ع ڌاري پنهنجي اباڻي ملڪ نيپال کي ڇڏي اچي روهڙيءَ ۾ آباد ٿيو هو ۽ پوءِ ڪيهن سالن بعد هن ٻيٽ تي ان شاندار مندر تعميرڪرايو هو. بنکنڊي چنڊ شرما مهراج جي ساڌ ٻيلي جي آستاني ۾ ڪيترائي مندر آهن، جن ۾ ديوي ماتا مندر، شو مندر، گڻيش مندر، هنومان مندر، وشنو مندر ۽ ٻيا مندر موجود آهن. سنڌ توڙي ٻين صوبن ۾ بہ مختلف مذهبن جون مقدس جايون موجود آهن.

مون کي درياءَ ۾ ٻيڙي تي هڪ شام ياد اچي رهي آهي. ان شام اسان ملاڪاتيار وٽان ٻيڙي ۾ سوار هئاسون. مون سان گڏ ارباب چانڊيو هو. ارباب دادو جو رهواسي هو. هو شاهہ مراد شگر مل ۾ ڊيوٽي ڪندو هو. سندس ڪو مائٽ ملاڪاتيار ۾ وٽرينري ڊاڪٽر هو. ان رات اسان ان وٽ رهيا هئاسين. آئون ارباب تي پنهنجي آتم ڪٿا جي پهرئين حصي ۾ لکي چڪو آهيان. ان شام جيئن ئي واهوندي کلي ۽ تيز هوا لڳي تہ ٻيڙي هڪ دريائي لهر مان ڄاڻ ٿي ڇڏائي تہ ٻي لهر ۾ وڃڙي ٿي ويئي. پاڻيءَ جي آلي ٿڦ، ڇولين جي گوڙ ۽ درياءَ جي مستيءَ خوف ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو هو. وانجهي پنهنجي پوري طاقت سان ونجهہ هلائيندو ٿي رهيو. درياءَ جي ٻي ڪنڌيءَ جي سامهون ڪجهہ ڇوڪرين ٻڪرين جا ڌڻ ٿي چاريا. ٻڪرين کي ڪنڌ ۾ ڳانيون ٻڌل هيون. ڇڙن جا آواز هڪ ڪشش پيدا ڪري رهيا هئا. ڇوڪرين سِير ۾ ٻيڙيءَ کي ڏسي جهونگاريو ٿي، "ٻيڙيءَ وارا ادا ڙي مهاڻا، آئون لال تي ٿي وڃان " اهو آواز جڏهن منهنجي ڪنن تي پيو تہ مونکي اها شام ياد پئي، جنهن شام آئون مصوره ۽ آرٽسٽ سان گڏ نوابشاهہ وڃي رهيو هئس. اسان سان گڏ غلام رسول بہ شايد هو. هن هاءِ وي تان هٽ جو اشارو ڪري مون کي ٻڌايو هو تہ اها جاءِ ڏسين پيو؟ اهو اڏيري لعل جو آستان آهي، جتي هر سال هندو ياتري اچن ٿا پر جڏهن هندستان ۽ پاڪستان ۾ ڪشيدگي هوندي آهي تہ هندستان مان ياتري هتي اچي نہ سگهندا آهن. ان کان اڳ هن مون کي سندس ناهيل هڪ تصوير ڏيکاري هئي، جنهن ۾ هڪ خانا بدوش عورت سرحد پار ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. ان کي ڪوئي اهلڪار بندوق جي ناليءَ سان پوئتي ڌڪي رهيو آهي. هُوءَ پيشيور رقاصہ تہ ڪانہ هئي پر هُوءَ گهر جي شادين ۾ جڏهن رقص ڪندي هئي تہ برساتي رت ۾ مور جي رقص کي بہ مات ڏئي ڇڏيندي هئي، هُوءَ جوانيءَ ۾ ئي گذاري وئي.

رقص جسم جي اها ادا آهي، جيڪا سٽل جذبن کي نہ رڳو جاڳائيندي آهي پر ٽٽل دلين کي جوڙيندي بہ آهي. ناچ جا ڪيترائي قسم آهن. هندستان ۾ ڀنگڙا، لاواڻي باهو، پڳت نتيام، گاربا، جهومر ۽ ٻيا ناچ آهن. ڪڇيچي جنهن کي پرفارم ڪرڻ کان پهريائين عورتون اهڙو لباس اوڍين ٿيون، جنهن سان هنن جي مشابهت ديوي يا ديوَ جهڙي لڳندي آهي. ڀنگڙا ناچ سانوڻي رت دوران يا وري فصل لهڻ دوران پرفارم ڪيو ويندو آهي. باهو لفظ جي معنيٰ ٿي آهي الله کان نعمتون گهرڻ. هي ناچ جنوري ۽ آڪٽوبر جي مهينن ۾ مرد ۽ عورتون علائقائي لوڪ گيتن تي گڏجي ڪندا آهن. پڳت نتيام نالي ڊانس هندستان جي قديمي ڪلاسيڪل ڊانس جي شڪل آهي. هي ڊانس ادا ڪرڻ کان اڳ عورتون خوب سينگار ڪن ٿيون تہ جيئن ديويءَ جهڙيون ڏسڻ ۾ اچن. سنڌ جي ڳوٺن يا شهرن ۾ جيڪي ناچ ٿين ٿا، انهن ۾ ڏانڊيا ناچ، ڏونڪا، جمالو، ٺلو، ڇيڄ، موائي، مگرمان، جهمر ۽ گهڙو ناچ شامل آهن.

آئون مختلف مڪتبہءِ فڪر جي ماڻهن جي عقيدتن وارين تاريخي جاين ۽ رقص جي لازوال استيجن کان ٿيندو ٻيهر پاڙيسري ملڪن جي سرحدن ڏانهن موٽان ٿو تہ مون کي اتي خاردار تارون لڳل نظر اچن ٿيون. جتي ماڻهن جا جذبا ۽ جهنگلي جانور قيد آهن. اها بہ حقيقت آهي تہ جڏهن کان انسان اندر ۾ چيتي جهڙو وحشي ٻٽيو آهي، تڏهن کان امن ۽ سڪون ختم ٿي ويو آهي. اهڙين حالتن ۾ هر ملڪ پنهنجي سرحدي گهٽين تي چوڪسي وڌائي ڇڏي آهي. جنهن ڪري موڪل بنا نہ ڪو هتان جو هتي اچي سگهي ٿو ۽ نہ ئي وري هتان جو هن پار وڃي سگهي ٿو!

تو جنين جي تاتِ، تن پڻ آهي تنهنجي؛
'فَاذڪُرُونِي اَذڪُر ڪُم'، اِيَ پَرُوڙِج بات؛
هَتِ ڪاتي گُڙُ واتِ، پُڇَڻُ پَرِ پِرين جي

شنگهائي تعاون تنظيم جو اجلاس ۽ بلاول ڀٽو زرداري

عادل علي

ڀارت شنگهائي تعاون تنظيم جي اجلاس جي ميزباني ڪري رهيو آهي جنهن ۾ پاڪستان جو موجوده پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري بہ شرڪت ڪري رهيو آهي. پرڏيهي وزير پاڪستان طرفان 12 سالن ڪانپوءِ ڀارت جو دورو ڪري رهيو آهي. شنگهائي ڪوآپريشن آرگنائيزيشن (SCO) 2001 ۾ قائم ٿي جنهن جو بنيادي مقصد علائقائي دهشتگردي ۽ مذهبي انتهاپسندي کي منهن ڏيڻ لاءِ خطي ۾ سيڪيورٽي معاملن ۾ شامل ڪيو ويو. هن تنظيم جو ڏيان خطي ۾ علائقائي امن ۽ گڏيل تعاون کي هٿي ڏيڻ رهيو آهي. پاڪستان جيڪو گذريل حڪومت جي غير موثر پرڏيهي پاليسين سبب عالمي اڪيلائي جو شڪار ٿي چڪو هو يا ائين چوڻ وڌيڪ مناسب ٿيندو تہ بڻايو ويو هو! اهڙي صورتحال ۾ بلاول ڀٽو زرداري جو پرڏيهي وزارت جي قلمدان سنڀالڻ هڪ انتهائي مشڪل فيصلو هو جنهن کي اندرين توڙي ٻاهرين هر محاذ تي تنقيد جو منهن ڏسڻو پيو آهي. پر پاڪستان جي پرڏيهي وزير کي هر محاذ تي قبوليت ملي رهي آهي. بلاول ڀٽو زرداري جي ڪامياب پرڏيهي وزارت واري دور ۾ هن وقت تائين ڪيترائي اهم معاملا سامهون آيا آهن جن سان پاڪستان کي پنهنجي وڃايل ساک ٻيهر حاصل ڪرڻ ۾ مدد ملي آهي. جن ۾ ايف اي ٽي ايف جي گري لسٽ مان پاڪستان جو نڪرڻ، برطانيا پاران ٽين دنيا جي ملڪن جي لسٽ مان پاڪستان جو نڪرڻ، يورپي يونين کان واپار جي بحالي ۽ دنيا جي بدلجندڙ موسمي حالتن ڏانهن عالمي برادري جو ڌيان ڇڪائڻ شامل آهن. گذريل سال پاڪستان ۾ تباهہ ڪن برساتن ۽ ٻوڏ ۾ پاڪستان کي 33 ارب ڊالرن جو نقصان ٿيو. بلاول ڀٽو زرداري عالمي برادري سان پاڪستان لاءِ موسمياتي انصاف جي جنگ وڙهي ۽ يقين ڏياريو تہ پاڪستان وڏن ملڪن جي فضائي آلودگي جو شڪار آهي تنهنڪري اسان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي. بلاول ڀٽو زرداري جي ڪوششن سان عالمي برادري موسمي اثرن سبب پيدا ٿيندڙ آفتن لاءِ فنڊ قائم ڪيو، جيڪو پاڪستان جي ڪاميابي جو ثبوت آهي. بلاول ڀٽو جي ڀارت جي دوري تي ملڪ جون ٻيون سياسي پارٽيون شور مچائي رهيون آهن. نہ رڳو تازو دوري پر سياسي مخالفن پاران بلاول ڀٽو زرداري جي ٻين دورن تي بہ سخت تنقيد ڪئي پئي وڃي ۽ ان تنقيد جو سبب اهو بہ آهي تہ تازو حڪومت جي دور ۾ پاڪستان نہ رڳو عالمي اڪيلائي جو شڪار رهيو پر اسان جا اهم دوست ملڪن سان پڻ اسانجا لاڳاپا سٺا نہ رهيا. گذريل حڪومتي دور ۾ ڀارت عالمي قانونن جي ڀڃڪڙي ڪندي ڪشمير تي پابنديون لاڳو ڪيون پر ان وقت جي حڪومت ۽ پرڏيهي وزارت کي بہ جوڳا قدم نہ کڻي سگهي. اڳوڻو وزيراعظم عمران خان جيڪو هاڻي هر مسئلي تي ناڪامي جو الزام ٻين تي مڙهيندو نظر اچي رهيو آهي ۽ هاڻ جڏهن هو حڪومت ۾ ناهي رهيو تہ هڪ ڀيرو ٻيهر عمران خان ۽ سندس پارٽي موجوده حڪومت تي تنقيد ۽ الزام هڻندي نظر اچي رهي آهي پر هو پنهنجي دور اقتدار ۾ نہ رڳو خاموش رهيو پر پنهنجي دور ۾ ڪشمير تي ٿيندڙ ظلمن تي خاموش رهيو پارٽي وزيراعظم سان دوستاڻا لاڳاپن جي خواهش پڻ رکي، جيڪو ڪشمير تي سوديبازي ڪرڻ جي برابر آهي. بلاول ڀٽو زرداري اڄ ڀارت پهچي ويو آهي. هو شنگهائي تعاون تنظيم جي اجلاس ۾ ڪشمير جي مسئلي تي ضرور بحث ڪندو ۽ ان ڳالهہ تي ضرور زور ڏيندو تہ ڀارت پاران ڪشميرين تي ظلم بند ڪيو وڃي. نہ رڳو ايترو پر ڪشميرين کي پنهنجي مستقبل جو فيصلو آزاديءَ سان ڪرڻ جي بہ اجازت ڏني وڃي. جيئن تہ بلاول ڀٽو زرداري هر محاذ تي پاڪستان جي نمائندگي ڪري رهيو آهي، جنهنڪري پاڪستان جي وڃايل ساک بحال ٿي رهي آهي ۽ دوست ملڪن سان اسان جا لاڳاپا بحال ٿي رهيا آهن. جنهن جو اندازو ان ڳالهہ مان بہ لڳائي سگهجي ٿو تہ عمران خان جي حڪومت پاڪستان-چين واپاري راهداري غير فعال ٿيڻ ڪانپوءِ بحاليءَ طرف وڌي رهي آهي. ساڳئي وقت پاڙيسري ملڪن سان بہ اسان جا لاڳاپا بهتر ٿي رهيا آهن. بلاول ڀٽو زرداري جي پرڏيهي وزير جي طور تي هن وقت تائين جي ڪارڪردگي ۾ وڏي اميد رکي سگهجي ٿي تہ پاڪستان ڪشمير جي حوالي سان جوڳي رٿابندي ۽ موقف اختيار ڪندو. جنهن تي عمل ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويندي.

******

اجلاس ۾ صوبائي وزيرن سيد سردار علي شاهہ، قانون واري صلاحڪار بئريسٽر مرتضيٰ وهاب، صوبائي وزيرن مڪيش ڪمار چاولا، سيد ضياءُ عباس ۽ ٻين ميمبرن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ اسٽينڊنگ ڪميٽي ميمبرن سهيل انور سيال، اڳوڻي قانون واري وزير ضياءُ الحسن لنجار، گهنور خان اسراڻ، نور احمد ڀرڳڙي، راجا رزاق، شميم ممتاز، قاسم سراج سومرو، سهراب...

پتن جي ٺوڪري ۽ رسي جو وزن ڪٽي پوءِ ڊيوٽي وصول ڪئي وڃي پر ڪسٽم ڪليڪٽر چيو تہ مڪمل ٺوڪري تي ٽيڪس ورتو وڃي.

بقايا *** 30

ماڻهو ووٽ ڏيندا. هن اها ڳالهہ مڪاني چونڊن جي انتظامن جو جائزو وٺڻ بابت اجلاس جي صدارت ڪندي ڪئي. اجلاس ۾ صوبائي اليڪشن ڪمشنر اعجاز انور چوهان، ايڊيشنل ۽...

2022ع گئس پائپ لائين ۾ ڌماڪو ٿيو. ڪيترا دفعي شڪايت ڪئي وئي پر پائپ لائين جي مرمت نہ ڪئي وئي. حادثي اَيڪٽ جي تحت ايس ايس جي سي جي خلاف بہ ڪيس داخل ڪيا ويا. پوراهيت جا ٻار مشڪلن جا شڪار آهي. ايس ايس جي سي جي نااهلي جي ڪري ٻار يتيم ٿي ويا.

بقايا *** 17

...سنگهہ جو رهواسي هو جيڪو حويلي ڳوٺ ۾ ٻڪهار تي مال چاريندو هو ڳوٺاڻن جي اطلاع تي پوليس پهچي ڏنار جو لاش عمرڪوٽ اسپتال منتقل ڪيو

اسان پوئتي هٽڻ نہ سکيو آهي. هنن چيو تہ اسان هڪ مقصد لاءِ نڪتا آهيون. اسان جو مشن آهي، ملڪ کي خوبصورت بڻائڻو آهي. اسان ڪم ڪري قوم کي ڏيکاريو آهي، ڪم ڪندا رهنداسين.

چوٽ ڏني وئي قاسم سوري چيو تہ لنڊن پلان تحت اسلام آباد ۾ ٻيهر قلم 144 لاڳو ڪئي وئي. سمورن سينئر آفيسرن کي عدالت ۾ حاضر رهڻ جا حڪم بہ جاري ڪيا ويا آهن. سول ڪپڙن وارا وڏي انگ ۾ موجود هوندا. اسلام آباد پوليس کي اهم هدايتون جاري ڪيون ويون آهن. اهم شخصيت مانيٽرنگ ڪندي. صحافين جي لاءِ خاص هدايتون ۽ پرياسي جي علائقن ۾...

بقايا *** 01

هٽ ڌوٽي پئجي وئي آهي ۽ چاهي ٿي تہ سپريم ڪورٽ کي ورهايو وڃي پر سندس اها ڪوشش ڪامياب ٿيڻ نہ ڏينداسين ٿي آءِ چيئرمين چيو تہ 3 ڏينهن اڳ لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ چيو هو تہ مونکي قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، پهريون ڀيرو وزيرآباد ۾ ۽ ٻيون ڀيرو 18 مارچ تي جوڊيشل ڪامپليڪس ۾ خوشقسمتي سان بچي ويسهن چيو تہ مراد سعيد کي اهي ئي ماڻهو دهشتگرد چئي رهيا آهن جن کي آئون ڊرٽي هيري چوندو آهيان. مونکي ۽ مراد سعيد کي جيڪڏهن ڪجهہ ٿيو تہ ان جي پٺيان ڊرٽي هيري جو هٿ هوندو هن چيو تہ عدالتون جو احترام ڪريان ٿو پر سوچ هجڻ باوجود پيش ٿيندس انهن وانگر ناهيان جن جي مرضي جو فيصلو نہ اچي تہ ججن خلاف پروپيگنڊا شروع ڪري ڏين ٿا عمران خان وڌيڪ چيو تہ سمورا پاڪستاني چنجر ڌاڙي چيف جسٽس سان ٻڌي جو اظهار ڪرڻ لاءِ هڪ ڪلاڪ لاءِ ٻاهر نڪرن. پي ڊي ايم وارا آئين جا ٻڪيا اڏيڙي رهيا آهن 90 ڏينهن اندر چونڊون ٿيڻيون آهن پر هو اليڪشن کان ڀڄي رهيا آهن

بقايا *** 02

شرڪت ڪندا. رپورٽن مطابق اجلاس ۾ قرضن جي حد بندي تي غور ڪيو ويندو. آمريڪي خزاني واري سيڪريٽري جينٽ ييلن هڪ ڀيرو ٻيهر خبردار ڪيو آهي تہ آمريڪا جي ڏيوالت جو خطرو اڃا بہ موجود آهي. جينٽ ييلن موجب آمريڪا هڪ مهيني اندر ڏيوالت ڪري سگهي ٿو. 31.4 ٽريلين ڊالر جي قرض جي حد تي فوري قدم کنيا وڃن. پرڏيهي ميڊيا موجب آمريڪي ناڻي واري وزير ڪانگريس کي بہ جلد قانون پاس ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي.

بقايا *** 03

۾ بہ ماڻهو قتل ۽ زخمي ٿيڻ جي اطلاع تي اسپتال ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي. پوليس موجب اپر ڪرم ۾ شلوزان روڊ تي اڻڄاتل ماڻهن هلندڙ گاڏي تي فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ شهري مارجي ويو پوليس ٻڌايو تہ ان واقعي ڪانپوءِ هٿيارٻندن تري منگل هاءِ اسڪول ۾ گهڙي 7 استادن کي قتل ڪري ڇڏيو انهن واقعن ڪانپوءِ سڄي ضلعي جي اسپتال ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي آهي ۽ سمورا رستا سيڪيورٽي خدشن سبب بند ڪيا ويا آهن. هوڏانهن ڪوهاٽ تعليمي بورڊ جي انتظام هيٺ 28 اپريل کان جاري ميٽرڪ جا امتحان بہ اڻڄاتل مدي تائين ملتوي ڪيا ويا آهن.

بقايا *** 04

مارجي ويا آءِ ايس پي آر موجب سڪيورٽي فورسز دهشتگردن کي ڀرپور جواب ڏنو. فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ 2 دهشتگرد پڻ زخمي ٿي پيا. آءِ ايس پي آر موجب شهيدن ۾ حوالدار سليم خان، نائيڪ جاويد اقبال، سپاهي تنذير خان، سپاهي حضرت بلال، سپاهي سيد رجب حسين، سپاهي بسم الله جان شامل آهن. آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي تہ دهشتگردن جي خاتمي لاءِ علائقي کي ڪليئر ڪيو پيو وڃي.

بقايا *** 05

سخت انتظار ڪيا ويا هئا. چيف جسٽس عامر فاروق جي سربراهي ۾ 2 رڪني بينچ عمران خان خلاف ڪيسن ۾ ضمانت جي درخواست تي ٻڌائي ڪئي جنهن ۾ عمران خان جي وڪيل بيرسٽر سلمان صفدر دليل ڏنا. سلمان صفدر چيو تہ اڄ ڏينهن تائين 140 ڪيس داخل ٿي چڪا آهن. پٽيشنر جي ڄاڻ موجب هينئر تائين سمورن

ڪيسزن ۾ ضمانت جي خبر آهي انهن 7 ڪيسز ۾ پيش ٿي رهيا آهيون ان ۾ هاءِ ڪورٽ نہ اچڻ گهرجي ها. جوڊيشل ڪمپليڪس ضمانت وٺڻ وياسين پر اتي امن امان جي صورتحال پيدا ٿي ٻڌڻي دوران چيف جسٽس چيو تہ اسان لاڳاپيل عدالت سان رابطي ۽ پروٽيڪشن جو چيو هو اوهان اڃان تائين جاچ ۾ شامل ناهيو ٿيا. اوهان کي اڳ ڏنل تاريخ کان اهو بارور ڪرايو هو تہ اسان صرف پروٽيڪشن ڏينداسين وڪيل سلمان صفدر چيو تہ عمران خان 7 ڪيسز ۾ هن وقت بہ بيان رڪارڊ ڪرائڻ لاءِ تيار آهي. ان تي جسٽس عامر فاروق چيو تہ اوهان جو موڪل اسلام آباد ۾ موجود آهي جاچ آفيسر بہ اتي آهن اڄ ئي بيان رڪارڊ ڪرائي ڇڏيو هي بيان اهڙي طرح نہ هوندو تہ اوهان هڪ پيپر ڏئي ڇڏيو پوليس کي بيان رڪارڊ ڪرائڻ جو جيڪو طريقو آهي ان کي فالو ڪريو چيف جسٽس چيو تہ اسان اوهان کي رليف ڏيڻ چاهيو ٿي جيڪڏهن اوهان نٿا وٺڻ چاهيو تہ اوهان جي مرضي. جنهن کان پوءِ چيف جسٽس اسلام آباد عامر فاروق ۽ ميان گل حسن اورنگزيب تي ٻڌل بينچ اٿي ويو ۽ ججز چيمبر ۾ هليا ويا. عدالت عمران خان خلاف دهشتگردي جي 7 ڪيسن ۾ ضمانت جي درخواست تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو ٻڌڻي دوران ايڊووڪيٽ جنرل اسلام آباد ميڊيڪل رپورٽ تي اعتراض ڪيو ۽ چيو تہ عمران خان پرائيويٽ اسپتال جي رپورٽ پيش ڪئي آهي جيڪا قبول ڪرڻ جهڙي نہ آهي. ان تي فواد چوڌري ڳالهائيندي چيو تہ ميڊيا وارا ٻيئل آهن تڪرز هلي رهيا هوندا. مون کي بہ ڪجهہ رڪارڊ تي آڻڻ ڏيو جنهن کان پوءِ فواد چوڌري روسٽرم تي اچي ويو. فواد چوڌري چيو تہ اڳوڻو وزيراعظم زخمي حالت ۾ آيو پر ان جي گاڏي کي اندر اچڻ نہ ڏنو ويو ان تي ايڊووڪيٽ جنرل چيو تہ عمران خان جي پيشي جي موقعي تي موٽر سائيڪلن ۽ گاڏيون سڙيون ويون. ٻڌڻي دوران ايڊووڪيٽ جنرل اسلام آباد ۽ فواد چوڌري وچ ۾ تڪرار ٿي. گهڻو ڳالهائڻ تي ججز اٿي هليا ويا. عدالت ڪجهہ دير کان پوءِ فيصلو ٻڌائيندي عمران خان جي 2 ڪيسن ۾ عبوري ضمانت ۾ 9 مئي تائين واڌ ڪري ڇڏي جڏهن تہ 7 ڪيسن ۾ 10 ڏينهن جي لاءِ حفاظتي ضمانت منظور ڪري ورتي. عمران خان کي 7 ڪيسن ۾ ضمانت جي لاءِ ٽرائل ڪورٽ سان رابطي جو حڪم ڏنو ويو آهي.

بقايا *** 06

بہ اسان جا فائر فائٽر وڏي جذبي سان ڪم ڪري رهيا آهن. صوبائي وزير چيو تہ ڪراچي ۾ فائر اسٽيشنن جو انگ وڌڻ ضروري آهي ۽ سنڌ حڪومت ان حوالي سان ضروري قدم کڻي رهي آهي. هن وڌيڪ چيو تہ فائر فائٽرن لاءِ جديد سامان جي فراهمي ضروري آهي جنهن لاءِ خاص فنڊ مختص ڪيا وڃن. هن چيو تہ فائر فائٽرن کي جديد حفاظتي سامان ۽ ٻيون سهولتون فراهم ڪرڻ جي ضرورت آهي. ڪراچي جهڙي وڏي شهر کي متحرڪ فائر برگيڊ جي ضرورت آهي. هن چيو تہ فائر برگيڊ سسٽم ۾ جدت لاءِ سمورا اپاءَ ورتا وڃن ۽ شهر ۾ اهڙا ادارا قائم ڪرڻ جي بہ ضرورت آهي جتي فائر فائٽرز کي ضروري تربيت ڏني وڃي.

بقايا *** 07

کي هر حال ۾ گرفتار ڪرڻو آهي پوءِ چاهي ملڪ جون حالتون خراب ڇو نہ ٿي وڃن هن چيو تہ اهڙي پلان تحت عمران خان جي زخمي ٿيڻ باوجود اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس سندس غير حاضري تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي ضمانت رد ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني جڏهن تہ ٻئي طرف حمزه شهباز ۽ شهباز شريف کي ڪرپشن ڪيسز ۾ عدالت ۾ حاضر ٿيڻ کان تاحيات

بقايا سنڌيار 01

موري سان تعلق رکندڙ پورهيت بنگل خان چانڊيو ولد محمد خان چانڊيو ميڊيا آڏو پنهنجي دردناڪ داستان ٻڌائيندي چيو ته نوشهروفيروز ٿاڻي جو ايس ايچ او حنيف مهر ۽ نيڪ محمد چانڊيو مون وٽ آيا ۽ چيو ته چوريءَ جي واقعي ۾ تنهنجو پاءُ ملوث آهي، سنڌس موبائيل فون ٽريس ڪيو ويو آهي،اهڙو بهانو ٺاهي پاءُ عبدالغفور کي گرفتار ڪيو ويو رات جو پوليس ٿاڻي ۾ رکيو ۽ ڏينهن جو مختلف شهرن ۾ پرائيوٽ جڳهن ته لڪائيندا رهيا، جنهن کان پوءِ ايس ايچ او محمد حنيف مهر ۽ سنڌس ڪاٽو پٽ نيڪ محمد چانڊيو مونکي پاءُ جي ملاقات ڪرڻ وقت چئيو ته 100000 رپيا ڏي ته تونهنجو پاءُ آزاد ڪيون نت ٻي صورت ۾ ، ڪوڙا ڪيس ٺاهي تنهنجي پاءُ کي جيل موڪليندا سين. جڏهن مون پئسن ڏيڻ کان انڪار ڪيو ته حنيف مهر ۽ نيڪ محمد چانڊيو مونکي به تشدد ڪري لاڪپ ڪري ڇڏيون جڏهن ته منهنجو پاءُ ڪنهن به ڏوهه ۾ شامل ناهي ۽ هو تمام بيمار آهي بنگل چانڊيو چيو ته اسان پورهيت ماڻهو آهيون، مان ڪرائي تي موٽرسائيڪل هلائي زندگي گذاريندو آهيان، منهنجو پاءُ 10 ڏينهن بغير ڪنهن سبب جي پوليس وٽ رهيو ۽ ڪيس تشدد جو نشانو بڻايو ويو ان کان پوءِ جڏهن حق نواز ابراهيم ۽ ايوب اسان سان ملاقات لاءِ آيا ته انهن کي به گرفتار ڪيو ويو جنهن کان پوءِ مون حنيف مهر ۽ نيڪ محمد چانڊيو کي چئيو ته اسان غريب مزدور آهيون مون وٽ هڪ لک ناهي ڏيڻ لاءِ پر مان مجبور ٿي حنيف مهر نيڪ محمد چانڊيو کي پوليس اسان 50 هزار روڪ رقم ڏني جنهن کان پوءِ اسان کي آزاد ڪيو ويو هن وڌيڪ چيو ته عيد جي موقعي تي مان پنهنجي عورتن ۽ مردن جا ڪپڙا ڪٽي گهر وڃي رهيو هيس ته نشنل هاءِ وي لڳ سيد ناگو شاه درگاه وٽ حنيف مهر ۽ نيڪ محمد چانڊيو 12 نوان ڪپڙا 30 هزار روڪ رقم ڦري ويا. پوليس اسان سان زيادتي ڪئي آهي، اسان شريف ماڻهو آهيون، پوليس اسان جو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي. اسان پوليس جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ٿا ڪريون ته پوليس يونيفارم ۾ ويٺل ايس ايچ او نوشهروفيروز حنيف مهر ۽ نيڪ محمد چانڊيو خلاف ڪارروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي. نت ٻي صورت ۾ مان پريس ڪلب نوشهروفيروز جي اڳيان پنهنجو پاڻ کي پيٽرول هاري پنهنجي زندگي جو انت آڻيندس هن چئيو ته منهنجي چانڊيا برادري جي پڳدار نواب سردار ڪان چانڊيو ۽ ٻين کي اپيل آهي ته مون غريب جي خدا ڪارڻ مدد ڪندا.

بقايا سنڌيار 02

ڪامياب ٿي ويا. تفصيل موجب ضلعي اليڪشن ڪمشنر نوشهروفيروز نياز احمد ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته نوشهروفيروز ضلعي ۾ 7 مئي تي ٿيندڙ ضمني بلدياتي چونڊن جي ٻئي مرحلي جي سلسلي ۾ انتظام مڪمل ڪيا پيا وڃن. صدارت لاءِ 8 اميدوارن ۾ مقابلو آهي. ايڪ محب ديرو سيال ۾ سيٽ. هن يونين ڪائونسل ۾ رجسٽرڊ ووٽرن جو ڪل تعداد 7427 آهي. هن يوسي ۾ 5 پولنگ اسٽيشنون قائم ڪيون وينديون جن ۾ هڪ مردن لاءِ هڪ عورتن لاءِ ۽ ٽي گڏيل پولنگ اسٽيشنون قائم ڪيون وينديون. ٽائون ڪميٽي محرابپور جي وارڊ نمبر 1 ۾ جنرل ڪائونسل جي سيٽ لاءِ 7 اميدوارن ۾ مقابلو آهي، هن وارڊ ۾ رجسٽرڊ ووٽرن جو ڪل تعداد 2462 آهي، هن وارڊ ۾ 2 پولنگ اسٽيشنون قائم ڪيون وينديون. محرابپور تعلقي جي هالاڻي ٽائون ڪميٽي جي وارڊ نمبر 1 ۾ جنرل ڪائونسلر جي سيٽ لاءِ 2 اميدوارن ۾ مقابلو آهي. هن وارڊ ۾ رجسٽرڊ ووٽرن جو ڪل تعداد 1474 آهي، هن وارڊ ۾ هڪ پولنگ اسٽيشن قائم ڪئي ويندي. اليڪشن ڪمشنر نياز عصمت وڌيڪ ٻڌايو ته عبدالستار مورو ۽ وائيس چيئرمين الله بچائو سان گڏ مورو جي تعلقي ٿنڃي جاگير جي يونين ڪائونسل 50 نورپور جي چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين جي سيٽ تي پاڪستان پيپلز پارٽي جي نامزد اميدوارن ۾ شامل آهن. نوشهروفيروز ضلعي جنرل ڪائونسل جي سيٽ تي پ پ اميدوار منصور علي بنا مقابلي ڪامياب ٿي ويو. نوشهروفيروز ضلعي جي 2 ٽائونن ۽ هڪ يونين ڪائونسل ۾ ٿيندڙ چونڊ جي حوالي سان ضلعي اليڪشن آفيسر نوشهروفيروزنياز احمد ٻڌايو ته پولنگ عملي جي تربيت مڪمل ڪئي وئي آهي ۽ ريٽرننگ آفيسرن کي ضروري سامان فراهم ڪيو ويو آهي. 8 پولنگ اسٽيشنن مان 3 حساس ۽ 5 انتهائي حساس آهن. پولنگ دوران امن امان برقرار رکڻ لاءِ پوليس ۽ رينجرز کي مقرر ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 03

واٽ ويندڙ ڪار ۾ سوار پروفيسر ڊاڪٽر اجمل ساوند کي قتل ڪيو جنهن کان پوءِ پوليس بيگناه شريف ڳوٺاڻن جا نالا ايف آءِ آر ۾ شامل ڪيا آهن ڳوٺاڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي افضل منگ،غلام محمد ميرائي ارسلان ملڪ جو چوڻ هو ته ڌهو تمام پراڻو ڳوٺ آهي جنهن ۾ 15 کان وڌيڪ ٻين قومن سان واسطو رکندڙ برادريون رهن ٿيون اسان جو جهيڙي سان ڪوبه تعلق نه آهي پر پوليس اسان جي ڳوٺ ۾ رهندڙ ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي پوليس ڳوٺ ۾ گهڙي به ٿي فائر ڪري پوءِ پريس رليز هلائي چوندا آهن ته ڪچي واري علائقي ۾ سندراڻي برادري جي هٿيار بند پوليس مٿان فائرنگ ڪئي پوليس اصل قاتلن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي پوءِ پوليس پنهنجي ناڪامين کي لڪائڻ خاطر اسانجي ڳوٺ مٿان روزانو چڙهائي ڪري اسان کي حراسان ڪري رهيو آهي ته اسان کي پيسا ڏيو نه ته توهان جا گهر ڊاهيا ويندا اسانجي ڳوٺ جي ماڻهن کي تمام گهڻو تنگ ڪيو پيو وڃي وڌيڪ انهن جو چوڻ هو ته گذريل ڏينهن 156 اڄڻن تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو جيڪو سراسر ظلم آهي ڳوٺاڻن چيو ته پروفيسر اجمل ساوند سندراڻي ساوند خوني تڪرار تان قتل ٿيو جنهن سان اسان جو ڪوبه واسطو ناهي پر پوليس هروڀرو اسان تي ڪيس داخل ڪري اسان سان ظلم ڪري ٿي پوليس اسان کي تنگ ڪري اسان جي گهر ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيا آهن پوليس جي اهڙي عمل کان پوءِ علائقي جون مسجدون ۽ اسڪول ويران ٿي ويا آهن پوليس اهڙو عمل ڪندي رهي ته هڪ ڀيرو ٻيهر اسان جي ڪنڌڪوٽ جي عوام تعليم کان محروم ٿيندي هنن وزيراعلي سنڌ آءِ جي سنڌ ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪندي چيو ته اسان تي ٿيندڙ ظلم بند ڪيو وڃي تاڪي اسان پنهنجو روزگار ڪري سگهيون ۽ اسان جا ٻارڙا تعليم حاصل ڪري سگهن

بقايا سنڌيار 04

ڪورٽ سگهوري ۾ درخواست داخل ڪرائڻ کان پوءِ سيول جج چوڪي تي ڇاپو هڻي ناحق بانڌي بڻيل نوجوان کي آزاد ڪرائي ورتو سائيٽ سپرهائي وي ٿاڻي جي حد ۾ نيو سبزي منڊي جي چوڪي انچارج پاران نوجوان يونس ولد نظير احمد کي ڪنيي گم ڪرڻ خلاف وارثن جو سيول جج واجد علي ڏابو سان گڏ چوڪي انچارج اي ايس آئي ممتاز چانڊيو جي چوڪي تي ڇاپو هڻي ناحق بانڌي بڻيل نوجوان يونس علي ولد نظير احمد کي آزاد ڪرائي ورتو ڪالا سائٽ سپر ٿاڻي جي حد ۾ غير قانوني نيو سبزي منڊي ۾ قائم ڪيل چوڪي انچارج اي ايس آئي ممتاز چانڊيو نوجوان کان رشوت گهرڻ تي سندس ڪنيي گم ڪيو ويو هو ۽ وارثن ساجد رند جي درخواست تي سيول جج واجد علي ڏابو پاران نيو سبزي منڊي چوڪي تي ڇاپو هڻي سندس ڪنيي گم ڪيل نوجوان يونس رند کي آزاد ڪرائي ورتو وارثن چوڪي انچارج ممتاز چانڊيو خلاف اغوا جو ڪيس داخل ڪرايو ويندو

بقايا سنڌيار 05

جي امرُ اچانڪ دل جو دورو پوڻ سبب لاڏاڻو ڪري وئي جنهن جي جنازي نماز ڪڏڙو جي جامع مسجد ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ سياسي سماجي صحافتي تنظيمن جي اڳواڻن سميت هر مڪتب فڪر جي ماڻهن شرڪت ڪئي ٻئي طرف اخترعلي ماري ۽ سندس پاڻرن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي

بقايا سنڌيار 06

جي جڳهه جا ڪنهن ضمانت ۾ ڪاغذ پيل اها آهي وٺڻ لاءِ درخواست ڏني اتان به جج ڪوڙو ڪري ڪيس ڪٻڌي ڇڏيو هو ورِي اها عورت اسان کي بليڪ ميل ڪري رهي هن ڪورٽ ۾ طلاق ورتي هئي اهي ڪاغذ به آهن هي هروڀرو اسان تي ڪوڙيون ايف آءِ آر رون اين سيون داخل ڪرائي ٿي هن جو ڪوبه اسان سان واسطو نه آهي ڪنهن به ٿاڻي تي يا مختيار ڪار ڊي سي صاحب کي ملڪيت لاءِ ڪابه درخواست ڏئي ڪوڙي سمجهي وڃي هن سان گڏ جي ماسٽر نورل ۽ شاه جهان لاشاري اسان جي جڳهه تي قبضو ڪيو آهي جڳهه خالي ڪرائي ڏني وڃي اسان کي ماسٽر نورل شاهجهان ۽ رشيدان مان خطرو آهي مسمات نهال خاتون ۽ گل حسن چيو ته اسان جي ٻچن کي خطرو آهي ته اهي ماري وجهندا ڪجھ به ٿيو ته ان جا ذميوار اهي ٿئي ماڻهو هوندا ۽ اسان مجبور ٿي ٿاڻي اڳيان پاڻ کي باه ڏئي ساڙينداسين ان جا ذميوار اهي ماڻهو هوندا

بقايا سنڌيار 07

سرڪار خلاف سخت نعريبازي ڪئي ،ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا وارن سان ڳالهائيندي چيو ته ملڪ هلائڻ پي ڊي ايم سرڪار جي وس جي ڳالهه نه آهي ، موجوده سرڪار ملڪ اندر ڳاتي توڙ مهانگائي ڪري ، غريب عوام کي خودڪشي ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي هنن چيو ته ، پي ڊي ايم سرڪار ملڪ کي تباهه ڪري ڇڏيو هنن مطالبو ڪيو ته آئين موجب 90 ڏينهن اندر چونڊون ڪرايون وڃن ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 08

صاحب اسان جي شڪايت تي تفصيل ورتا آهن ۽ هن يقين ڏياريو آهي ته ٻنهي نوجوانن جي پوليس مقابلي بابت انڪوائري ۽ شفاف جاچ ڪئي ويندي هنن ٻڌايو ته اسان سيشن ڪورٽ ۾ پڻ ڪوڙي مقابلي جي درخواست داخل ڪئي آهي اميد ته اسان کي ڪورٽ سگهوري انصاف ڏيندي هنن ٻڌايو ته ڪيس ۾ ملوث پوليس اهلڪار اسان کي ڪيس کڻڻ لاءِ ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هنن وس وارن آءِ جي سنڌ چيف جسٽس آف پاڪستان ۽ ٻين اڌارن کان معاملي جي شفاف جاچ ڪري انصاف فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا سنڌيار 09

پرسان يوسي جمالي جي ڳوٺ الله وڏايو جوڻيجو ۾ هارين جي 3 گهرن کي رڌ پچاءُ ڪرڻ دوران چلهه مان چڻنگ اڏڻ ڪري اوچتو باه وڪوڙي وئي باه لڳڻ جي اطلاع تي فائربرگيڊ عملي واقعي واري هنڌ پهچي باه تي ضابطو آندو جڏهن ته باهه لڳڻ ڪري هارين قادر بخش ٻبر، خدابخش ٻبر، محمد اصحاق ٻبرجي گهرن ۾ پيل ٻن نيائين جي ڏاجو ۽ 30 مڻ ڪڻڪ، گهريلو سامان سميت سمورو الهه سڙي خاڪ ٿي ويو اهي متاثرن کي لکين روپين جو نقصان ٿيڻ ڪري متاثر خاندان نتهڻ اس ۽ سخت گرمي ۾ کليل آسمان هيٺ ٻي يارو مدد گار ويٺل آهن

بقايا سنڌيار 10

سيد لياقت علي شاه،غلام حسين راجپوت ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪڍي وئي، ريلي دوران پارٽي جا جهنڊا بينر هٿن ۾ کنيل ڪارڪنن اليڪشن ڪرايو، ملڪ بچايو، سپريم ڪورٽ زنده باد، عمران خان زنده باد، مهانگائي ختم ڪريو دوران لاقانونيت سرعام ٿيندڙ ڪرپشن خلاف نعريبازي ڪئي، ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته امپورٽيڊ حڪومت عدالت سگهوري جي اعلاميل اليڪشن ڪرائڻ واري حڪم تي عمل ڪرائڻ کان پيچي رهي آهي، حڪمرانن کي خوف آهي ته هار سندس جو انتظار ڪري رهي آهي،ان خوف وچان حڪمران پاران عمران خان ۽ سندس ساٿين تي ڪوڙا ڪيس ڪري ڦاسايو وڃي پيو، هنن چيو ته هي سمورا ڪرپٽ چور حڪمران بي نقاب ٿي چڪا آهن، جن کي باضمير عوام رد ڪري چڪو آهي، اڄ ب ملڪ جو عوام عمران خان سان گڏ آهي، هاڻ انهن لٽيرن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي احتساب ڪرڻ جو وقت اچي چڪو آهي، انهن چورن کي لڪڻ جي جاءِ ب نه ملندي،

بقايا سنڌيار 11

پي ٽي آءِ وارن کي ڪجهه به نه مليو هاڻي هو ن ليگ کي بدنام ڪرڻ جي سازشن تي لهي آيا آهن، موجوده حڪومت ملڪ کي ڏڏل بحران مان ڇوٽڪارو ڏيارڻ سميت عوام کي هر ممڪن سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهي آهي ن ليگ جا ڪارڪن پنهنجي قائدين سان هر مشڪل وقت ۾ گڏ بيٺل آهن اهڙن خيالن جو اظهار هن ن ليگ ضلعي سيڪريٽريٽ ۾ ڪارڪنن سان خطاب ڪرڻ دوران ڪيس خورشيد ميراڻي جو وڌيڪ چوڻ هو ته عمران خان جون مارشل لاءِ لڳرائڻ واري خواهش ڪڏهن به پوري نه ٿيندي تحريڪ انصاف پنهنجي حڪومتي دور ۾ سڀ فيصلا جنرل باجوه ڪري رهيو هو ته عمران خان ڇا ڪري رهيو هو؟ موجوده ۽ اڳوڻي دور ۾ سهولتڪاري ڪندڙن کي عمران خان پاڻ بي نقاب ڪري رهيو هو عمران خان اقتدار وڃڻ بعد پنهنجا هوش وڃائي ويٺو آهي ان کي ڄاڻ ئي ناهي ته مان ڪنهن جي خلاف ڇا ڳالهائي رهيو آهيان، عمران خان پاڻ اقتدار مان ڪڍڻ جو الزام آمريڪا تي لڳايو هو اج اهوئي آمريڪا عمران خان جي لاءِ آئيڊيل بڻجي چڪو آهي خورشيد ميراڻي جو چوڻ هو ته عمران خان جي سياست هاڻي پنهنجي انجام طرف پهچي چڪي آهي هو هاڻي اقتدار ۾ اچڻ جو خواب ڏسڻ ڇڏي ڏي، ايندڙ دور پاڪستان جي خوشحالي ۽ ترقي جو دور آهي انشاء الله مسلم ليگ (ن) عام چونڊون ۾ به ٿي اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ڪري پنهنجي حڪومت ۽ پاڪستان کي ايشين ٽائيگر بنائيندي، ملڪ ۾ مهانگائي جو وزن عوام برداشت ڪري رهي آهي اهو سڀ ڪجهه عمران خان جي ناتجربيڪاري جو نتيجو آهي هنن وڌيڪ چيو ته مسلم ليگ ن عوامي خدمت جي بنياد تي عام چونڊون کٽي ڪري عوام خدمت جو سفر جاري رکندي ۽ ثابت ڪندي ته عوامي خدمت مسلم ليگ جو پيو نالو آهي.

بقايا سنڌيار 12

ويلفيئر پاپو ليبشن آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته ڊسٽرڪٽ ويلفيئر پاپوليشن آفيسر عبدالوهاب عباسي ملازمن سان ناانصافي ڪري انهن جون پگهارون بند ڪري ڇڏيون آهن. آفيسر پگهارون ڏيڻ بدران هٽرادو مسئلا پيدا ڪري ملازمن کي پريشان ڪري رهيو آهي ۽ ملازمن سان بدڪلامي سان پڻ پيش اينديو آهي. عيد جي موقعي تي به ملازمن جون پگهارون بند ڪري ملازمن جي ٻچن کي عيد کان محروم ڪيو آهي. هنن صوبائي وزير عذره پيچو ۽ پاپوليشن سنڌ جي سيڪريٽري کي مطالبو ڪندي چيو ته ملازمن جو پگهارون جلد کان جلد بحال ڪيون وڃن ۽ هن ڪرپٽ نااهل آفيسر کي هٽائي ڪو ٻيو ايماندار آفيسر مقرر ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ آل ڪلرڪ ايسوسيشن ضلع سجاول پاران ڊي سي آفيس سجاول اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 13

غوثپور ٿاڻي جو وڏو منشي عملي ساڻ واقعي واري هنڌ پهچي دوڪان مالڪ کان واقعي جا تفصيل معلوم ڪري جاچ شروع ڪري ڇڏي واضح رهي ته غوثپور ۽ پرپاسي ۾ امن امان جي صورتحال انتهائي خراب هجڻ سبب علائقي جو عوام نه روڊ تي سفر ڪري سگهي ٿو نه ئي گهرن ۽ دوڪانن تي محفوظ آهي

بقايا سنڌيار 14

روڪ ۽ 3 موبائل فون ڦر ڪري هٿياربند آسانيءَ سان فرار ٿي ويا جنهن کان پوءِ پوري هندو برادري پاران اڄ عادلپور شهر مڪمل شٽربند هڙتال ڪري عادلپور شهر جي مين چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪندي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو روڊ تي ايندڙويندڙ گاڏين جو قطارون لڳي ويون ان موقعي تي مظاهرين جو چوڻ هو ته ڌوهارين سان پٽ ٻڌيل پيٽي خور پوليس اهلڪارن خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي هڪ ڪلاڪ کان پوءِ ڊرٽي واري هنڌ عادلپور ايس ايچ او حسين ڪرل پهتو 0جنهن استاد پلي رام ۽ دليپ ڪمارڪريجا شهري اتحاد جي چيئرمين عبدالغفارڪلوڙ سان ڳالهيون ڪيون جنهن م هن يقين ڏياني ڪرائيندي ٽن ڏينهن م ڦرتيل رقم ۽ موبائل فون واپس ڪرائڻ جي مهلت ورتي جنهن بعد احتجاج ختم ڪندي روڊ کوليو ويو.

بقايا سنڌيار 15

مهر پاران الزام رد. خبرموجب :سرحد لڳ نيشنل هاءِ وي ڪرنل موڙ وٽ ڪار ۽ مزدا وچ ۾ ٽڪر ٿيڻ سبب ڪارسوار وڪيل سيد قمبر شاه ڪاظمي پوليس اهلڪار ذوالفقار سومرو ۽ هيروجي زخمي ٿي پيا اطلاع تي سرحد پوليس ۽ علائقي واسي پهتا جنهن بعد وڪيل قمبر شاه ڪاظمي الزام لڳائيندي چيو ته مونکي مارائڻ لاءِ جي ڊي اي ايم پي اي علي گوهر خان مهر سندس پاءُ پ پ ايم پي اي راجا خان مهر ۽ اڳوڻي ضلعي چيئرمين حاجي خان وارن مزدا ذريعي حادثو ڪرائي مارائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جڏهن ته ان سموري عمل ۾ انهن جو هٿ آهي ۽ وڏيرا مونکي مارائڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيا هئا جنهن جي هڪ مهينو اڳ خبر پئي هئي ٻئي طرف وڪيل قمبر شاه ڪاظمي جي الزامن کي جي ڊي اي ايم پي اي سردار علي گوهر خان مهر مڪمل رد ڪندي چيو آهي ته قمبر شاه پهريان به اسان مٿان مختلف ڪوڙا الزام مڙهي ڪيس داخل ڪرايا آهن جيڪي عدالتن ۾ ڪوڙا ثابت ٿيا آهن ۽ هو بوکلاهٽ جو شڪار ٿي سستي شهرت حاصل ڪرڻ لاءِ مون ۽ منهنجي پٽ حاجي خان ۽ پاءُ راجا خان مٿان حادثي جو ڪوڙو الزام لڳائي بدنام ڪري رهيو آهي جنهن کي قانوني طور تي جواب ڏينداسين جڏهن ته مان ۽ منهنجو پٽ حاجي خان مهر هن وقت ڪراچيءَ ۾ موجود آهيون اسان جو حادثي سان ڪوبه واسطو نه آهي روزانا حادثا ٿي رهيا آهن جن جي ذميداري نيشنل هاءِ وي اٿارٽي يا حادثو ڪندڙ گاڏين وارا پاڻ هوندا آهن. ٻئي طرف ايس ايچ او سرحد ذوالفقار مهر جو چوڻ آهي ته مزدا کي تحويل ۾ ورتو آهي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي. مهرپٽي پاسي مهر گروپ جي ورڪرن يوسي علي با غ جي وائيس چيئرمين عبدالشڪور مهر جنرل ڪائونسلر بابر علي مهر غلام علي مهر وزيرمهر بشير قلپوٽو ظهير ملڪ شمشاد ڀنوار اشرف ملڪ حسين مهر ۽ ٻين سرحد پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهروڪندي چيو ته اسان جا مهر سردار انتهائي حد درجي جا شريف سردار آهن سندن جي خلاف اڳ ۾ به ڪيترا ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ويا آهن جيڪي عدالت سگهوري ختم ڪري ڇڏيا آهن اسين ايس ايس پي گهوٽڪي مطالبو ٿا ڪيون ته صاف ۽ شفاف انڪوائري ڪرائي وڃي ۽ مهر سردارن خلاف غلط پروپيگنڊا بند ڪئي وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 16

شاه نائب صدر اسدالله ميمڻ محمد عمران يعقوب سنڌ بروهي اتحاد جي اڳواڻ ڊاڪٽر غلام محمد بروهي سليم جي ميمڻ سينيئر صحافي زاهد رحيم نظير احمد سنڌيلو آدم سريلو موسا چنا گلشير باريجو ۽ ٻين وڏي تعداد م شرڪت ڪئي پاڪستان زنده باد بيسڪ آرگنائيزيشن جي ٽيم صحافين کي اجرڪون پارائي عزت سان نوازيو ان موقعي تي ڊاڪٽر غلام محمد بروهي مليرجي صحافي آدم سريلو گلشير باريجو موسا چنا کي صحافت لاءِ سندس آفيس اداري جي نالي ڪئي اڳواڻن ڳالهائيندي چيو ته صحافت هڪ پيغمبري پيشو آهي صحافي بنا ڪنهن خوف جي مظلومن جي آواز کي اعوانن تائين پهچائڻ م اهم ڪردار ادا ڪن ٿا هن ڏينهن تي صحافين کي عزت ڏيڻ اسانجو فرض آهي چيرمين ظهير احمد ميمڻ چيو ته پاڪستان زنده باد بيسڪ آرگنائيزيشن هر وقت انهن سان گڏ آهي

بقايا سنڌيار 17

غوث علي شاه، مبين جتوئي اشرف جبار قريشي، اجلاس ۾ سدرا عمران ايم پي اي ، ڪيوحاڪمر سميت ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي، اجلاس ۾ ملڪ ۾ ايندڙ عام چونڊن جي حوالي سان سنڌ ۾ قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جي ٽڪيٽن جي ورهاست _ پاڪستان تحريڪ انصاف جي سنڌ جي صوبائي تنظيم جي اڳواڻن جي پارٽي سربراه ۽ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان سان ملاقات سميت ملڪ جي سياسي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي، جڏهن ته سنڌ ۾ پارٽي کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي حڪمت عملي تي به غور ڪيو ويو ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي اڳواڻ سيد ذوالفقار علي شاهه چيو ته انشاء الله پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ هن ڀيري چونڊن ۾ سنڌ سميت ملڪ مان ڀرپور ڪاميابي ماڻيندي ۽ الله پاڪ چاهيو ته مرڪز سميت ملڪ جي چئني صوبن ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جون حڪومتون قائم ٿينديون ۽ انشاالله خان صاحب پيهر ملڪ جو وزيراعظم ٿيندو.

بقايا سنڌيار 18

سومرو کي صدر، عبدالحفيظ سيڏار سينئر نائب صدر، وسيم پٽو کي جنرل سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو آهي، ان موقعي تي نئين چونڊيل صدر محسن علي سومرو جو چوڻ هو ته مان پي ٽي آئي جي قيادت جو شڪر گذار آهيان جن مون تي اعتماد ڪندي مونکي ذميواري ڏني آهي، هن چيو ته مان اعتماد تي پورو لهندي پارٽي جي مشن کي اڳتي وڌائيندي پارٽي کي وڌيڪ مضبوط ۽ مستحڪم ڪندس.

بقايا سنڌيار 19

تحت ايندڙ پئسا عورتن کي بغير ڪنهن ڪٽوتي جي عزت سان ملي رهيا آهن جا ڪاڻ جو هتي محترم شهيد جو هڪ عدنا ڪارڪن ويٺل آهي زاهد شاه بخاري جو وڌيڪ چوڻ هو ته پيپلز پارٽي عوامي خدمت جو نالو آهي هتان اهڙين مستحق عورتن کي به پئسا ڏيارا جن جون قسطون رڪيل هيون سمورين قسطون هڪ وقت ملڻ تي عورتن جا ڪيترائي مسئلا حل ٿين ٿا جيڪي اسان کي دعائون ڏين ٿيون سيد زاهد بخاري وڌيڪ ٻڌايو ته سکر هائوس غريب ماڻهن جو سهارو بڻيل آهي سينيئر سياستدان محترم اسلام دين شيخ سندس پيٽ نعمان اسلام شيخ جيڪو قومي اسيمبلي جو ميمبر پڻ آهي جونڊ تڪ جي عوام جي خدمت ڪري پيو عوام کي بنيادي سهولتن جي فراهمي لاءِ جاکوڙي رهيو آهي جڏهن ته اڳوڻو ميئر سکر ۽ وڏي وزير جو سکر لاءِ صلاح ڪار بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ جون سکر شهر لاءِ ڪيل خدمت ڪنهن کان لڪل ناهي انشاء الله هڪ ڀيرو ٻيهر ميئر چونڊجي شهر جي ترقي ۽ عوام کي بلدياتي بنيادي سهولتون ڏيارڻ لاءِ سرگرم ٿي ويندو ۽ هاڻي به هو شهرين کي در پيش مسئلن کي حل ڪرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي

بقايا سنڌيار 20

شهرن ڪنڌڪوٽ ڪشمور بڊاڻي بخشاپور ڪرمپور ٺل جيڪب آباد ۽ ڪراچي ڪانسواءِ ٻين مختلف شهرن مان سوين عورت توڙي مرد عقيدتمندن اچي حاضري ڀري ميلي جي ٽئين ۽ آخري ڏينهن جيڪب آباد ۽ ڪراچي مان آيل ڀڳت نارائڻ گر نانڪرام ڀڳت آڪاش سوناروراجه ۽ پريالو مان ڀڳت ونود ساگر پنهنجي محفل مچائي صوفيانه راڳ توڙي بابا گرداس رام جي شان ۾ ڀڄن ڳائي آيل سوين عقيدتمندن کان خوب داد وصول ڪيو ورسي ميلي جي پڄاڻي تي خصوصي پرٿنائون پڻ ڪيون ويون جنهن ۾ ملڪ جي سلامتي ۽ سنڌ جي خوشحالي توڙي ضلعي ڪشمور ۾ امن بحال ڪرڻ لاءِ به دعا گهري وئي ميلي جي ٽيئي ڏينهن مندر کي ڪنوار جيان سينگاريو ويو ۽ پوليس جون مختلف پڪٽون هٿي سيڪيورٽي سخت ڪئي وئي.

بقايا سنڌيار 21

پنهور ولد علي نواز پنهور، 40 ورهين جو جهانگارا واسي مولا بخش ولد مشتاق ٻبر سميت 4 مسافر ٿڏي تي تي فوت ٿي ويا،عورتن ٻارڙن سميت 12 زخمي ٿي پيا حادثيءِ ۾ زخمي ٿيندڙ مسافر ۽ فوتين جا مڙهه ڪيتري ئي دير تائين حادثي واري هنڌ پيا رهيا، جن مان 12 ئي زخمين ۽ 4 فوتين جي مڙهن کي اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ سن ايٽ وڏا چڇر جي پوليس موبائل ۽ مانجهند اسپتال جي ايمبولنس ذريعي مانجهند اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي زخمين جي 40 ورهين جي رخسانه زال خميسو ڏيٿو سندس ڌيئرون 12 ورهين جي غلام صغره ڌيءَ 10 ورهين جي غلام رڪيه ڌيءَ خميسو ڏيٿو مڙس خميسو ڏيٿو ۽ ذيشان ولد ادريس لغاري، منصورچانڊيوزخمين ۾ شامل آهن جن کي مانجهند تعلقه اسپتال ۾ طبي امداد ڏيڻ ڪانپوءِ هڪ ٻارڙي، عورت سميت ڇهن زخمي مسافرن جي حالت گهڻي جوڳي هئڻ سبب ڪين حيدرآباد جي سول اسپتال ۽ جامشورو جي لمس اسپتال ڏانهن منتقل ڪيو. جڏهن ته سن روول هيلٿ سينٽر جي ايمبولنس نه هئڻ سبب سيوهڻ عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ سينٽر مان هڪ ڪلاڪ کان پوءِ ايمبولنس حادثي واري هنڌ پهچي وڌيڪ ٻن فوتين جا مڙهه مانجهند جي تعلقه اسپتال منتقل ڪيا، جتي هڪ عورت ۽ مرد فوتيءَ جي آخري اطلاعن تائين سڃاڻپ نه ٿي سگهي هئي، چئني فوتين جا مڙهه سيوهڻ اسپتال منتقل ڪيا پئي ويا

بقايا سنڌيار 22

ڪرايو ويو جنهن مالڪ وري ڇڏرائي واپس ڪئي ويو جنهن جو تشدد ٿيل لاش اڄ ملير سٽي ٿاڻي حد مان مليو وڌيڪ مقتول جي پٽن کان معلوم ڪيو ته مقتول هڪ غريب مسڪين ٽريڪٽر ڊرائيور هو جيڪو ٽريڪٽر هلائي پنهنجي گهر جو گذر سفر ڪندو هو ڪجھ ڏينهن پهريان چور سولر پليٽون چوري ڪري مقتول محمد علي ۽ ٻئي مزدور جا هٿ پير ٻڌهي سولر پليٽون چوري ڪري ويا مالڪ صبح جو اچي هنن جا هٿ پير کولي ميمڻ ڳوٺ ٿاڻي تي بند ڪرائي ڇڏيو هو ڪلهه شام واپس ڇڏائي ڪئي ويو جنهن جو صبح لاش ملير سٽي ٿاڻي جي حد باون شاه مان مليو جنهن کي جناع اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد مقتول جا وارث لاش ڪٺائي جام ڪندو آيا وڌيڪ ايف آءِ آر تدفين بعد ڪرائي ويندي.

بقايا سنڌيار 23

کي ٻڌايو ته واقعي کي 8 ڏينهن گذري چڪا آهن پر 10 سالا معصوم نينگر عبدالسلام پيو سان ڏاڏائي ڪندڙ جوابدار هالار لاڙڪ ۽ عبدالرحمان منگريو کي پوليس هن وقت تائين گرفتار نه ڪري سگهي آهي جڏهن ته نينگر سان بدفعلي ڪندڙ جوابدار ڪيس تان هٽ ڪڻڻ لاءِ نينگر جي وارثن کي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن پر ايس ايس پي خيرپور جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جا ڪوڙا آسرا ڏئي آفيس مان واپس روانو ڪري ڇڏي ٿو مظاهرين چتاءُ ڏيندي چيو ته معصوم نينگر سان بدفعلي ڪندڙ جوابدار گرفتار نه ٿيا ته احتجاجي طور سپائي قومي شاهراه کي بلاڪ ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 24

يرغمال بڻائي دڪان ۾ پيل ڪٽڪ جي اٽي جو ڪٽو سگريٽ ۽ روڪ رقم ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا، متاثر دڪاندار پاران انصاف ۽ ڦرتيل سامان ۽ روڪ رقم جي واپسي مطالبو، جڏهن ته عوامي ۽ سياسي سماجي حلقن پاران ڦر جي انوکي وارداتن جو زميوار پوليس جي نااهلي ۽ حڪومت پاران ڪيل موتمار مهانگائي کي قرار ڏنو ويو.

بقايا سنڌيار 25

جي سلسلي ۾ هڪ اجلاس ڊي سي آفيس جي دربارهال ۾ ٿي گذريو اجلاس کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنرشهريار گل ميمڻ چيو ته ضلعي ۾ ڪڻڪ، پاڻ ۽ کنڊ جو ذخيرو ڪندڙن خلاف سخت قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي ته جئين ضلع ۾ ڪڻڪ، پاڻ ۽ کنڊ جي کوٽ نه ٿي سگهي ڊپٽي ڪمشنرخوراڪ کاتي جي عملدارن کي سختي سان هدايت ڪئي ته حڪومت پاران ضلع ۾ ڪڻڪ جو مقرر ڪيل حدف حاصل ڪرڻ لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آندا وڃن جڏهن ته ڪڻڪ جو ذخيرو ڪندڙن خلاف ڪاروايون ڪيون وڃن هن ڪين اها پڻ هدايت ڪئي ته ضلع جي حدن ۾ قائم چيڪ پوسٽن تي عملدارن جي مقرري کي يقيني بڻائڻ سميت ڪين پابند بڻايو وڃي ته جئين ضلع جي حدن مان ٻاهر ڪڻڪ جي اسمگلنگ کي روڪي سگهجي ڊپٽي ڪمشنر خوراڪ کاتي جي ڪارڪردگي تي عدم اطمينان جواظهار ڪندي ڪين سختي سان هدايت ڪئي ته هو پنهنجي ڪارڪردگي کي بهتر بڻائيندي روينيو آفيسرن سان تعاون ڪن ۽ ضلع ۾ ڪڻڪ جو مقرر ڪيل ٽارگيٽ حاصل ڪرڻ ۽ ڪڻڪ جو ذخيرو ڪندڙن خلاف ڪاروائين کي تيز ڪن ٻي صورت ۾ انهن خلاف اعلي عملدارن کي خط لکيو ويندو ڊپٽي ڪمشنر ايڊيشنل ڊائريڪٽر زراعت کي هدايت ڪئي ته ضلع ۾ يوريا ڀاڻ جي قيمتن تي ڪنٽرول ڪرڻ ۽ ڀاڻ ذخيروڪندڙن خلاف ڪاروائي ڪري رپورٽ ڏين جڏهن ته ڀاڻ جي سيمپلنگ کي پڻ وڌيڪ تيز ڪن هن ڪين اها پڻ هدايت ڪئي ته ضلع ۾ غيرقانوني هلندڙ ڀاڻ جي ايجنسين خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي ۽ غير معياري ڀاڻ ۽ دوائون وڪرو ڪندڙن تي پوليس جي مدد سان ايف آئي آر داخل ڪرائي وڃي ڊپٽي ڪمشنر ضلع ۾ کم ڪندڙ شگر ملز جي نمائندن کي هدايت ڪئي ته ضلع جون سمورين شگر ملز کنڊ بابت هفتي وار رپورٽ ڊي سي آفيس ۾ جمع ڪرائي وڃي هن ڪين اها پڻ هدايت ڪئي ته ضلع ۾ کنڊ جي کوٽ کي ختم ڪرڻ لاءِ ضلع انتظاميه سان تعاون ڪيو وڃي ان موقعي تي اجلاس کي آگاهي ڏيندي خوراڪ کاتي جي عملدارن ٻڌايو ته ضلع ۾ ڪل 12 لک 50 هزار ڪڻڪ جي ٻورين جو ٽارگيٽ مقرر ڪيو ويو آهي جن ۾ تعلقي نواب شاه لاءِ 1 لک 20 هزار، دوڙ لاءِ 4 لک 35 هزار، سڪرنڊ 3 لک 5 هزار ۽ قاضي احمد لاءِ 3 لک 30 هزار ٻورين شامل آهن جنهن تحت هن وقت تائين 4 لک 40 هزار ٻورين جو حدف حاصل ڪيو ويو آهي جڏهن ته مقرر ڪيل ٽارگيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪاروائيون جاري آهن ان موقعي تي اجلاس کي آگاهي ڏيندي ايڊيشنل ڊائريڪٽر زراعت ٻڌايو ته هن وقت ضلع ۾ 30 هزار يوريا ڀاڻ، 67000 ڊي اي پي ۽ 35000 اين پي ڀاڻ جون ٻوريون مارڪيٽ ۾ موجود آهن جڏهن ته ڀاڻ جون وڌيڪ قيمتون وٺندڙن ۽ ذخيرو ڪندڙن خلاف ڪاروائي سميت ڀاڻ جي سيمپلنگ لاءِ پڻ قدم کنيا پيا وڃن اجلاس ۾ ايڊيشنل ڊائريڪٽر زراعت محمد رمضان چنا، ڊسٽرڪٽ فوڊ ڪنٽرولر شهيد بينظيرآباد فقير نزاڪت،ڊي ايس پي پوليس علي بخش جمالي، انفارميشن آفيسر اعجازعلي تيونو سميت النور، حبيب ۽ ٻانڊي شگر ملز جي نمائندن،زراعت، خوراڪ کاتي جي عملدارن ۽ سمورن تعلقن جي اسسٽنٽ ڪمشنرن شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 26

سکر شهر جي عوامي مسائل بابت اهم فيصلا ڪيا ويا ،جنهن۾ شهر جي عوام مسائل جي حل لاءِ ڪاميٽيون تشڪيل ڏنيون ويون ، جمعيت علماءِ اسلام سٽي سکر جي امير مفتي سعود افضل هاليجوي۽ ٻين اڳواڻن اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته شهر سکر۾ گندگيءَ جو آزار وڌي ويو آهي ، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ۽ ميونسپل ڪارپوريشن ناڪام ٿيندي پئي وڃي ، شهري ٻٽي عذاب ۾ آهن ، هنن چيو ته سکر شهر کي صاف ستڙو رکيو وڃي ۽ شهرين کي بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن. 75 سالن کان سکرجوعوام بدبودار پاڻي پيئڻ تي مجبور آهن ، بجليءَ ۽ گيئس جو بحران آهي ، جمعيت علماء اسلام سٽي سکر جي امير مفتي سعود افضل هاليجوي وڌيڪ چيو ته شهر جي اندر موٽرسائيڪلن جي چورين جو آزار وڌي ويو آهي ، ٿاڻا صرف رپورٽون وٺڻ۾ پورا آهن ، ليڪن چوري ٿي ويل ماڻهن جون گاڏيون واپس نٿيون ملن ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي کي سکر کي ان معاملي جو نوٽيس وٺڻ گهرجي ، هن چيو ته جمعيت علماء اسلام سٽي سکر پاران 25جون تي مهراڻ ڪلچر هال سکر۾ ورڪرز ڪنوينشن ڪوٺايو ويندو ، جنهن ۾ جمعيت علماء اسلام جامرڪزي توڙي صوبائي اڳواڻ پڻ خطاب ڪندا ، ان موقعي تي جي يوآءِ سٽي سکر جو سيڪريٽري جنرل قاري محمد فاروق شيخ ، مفتي قمرالدين ملانو ، مولانا مولا بخش مهر، قاري لياقت علي مغل ، مفتي اعظم مهر ، مولانا امان الله سکروي ، مولانا محمد ابراهيم مهر ، مولاناعبدالرشيد تانوري ، مفتي ڪليم الله گهنيو مولانا نذير احمد بروهي ،رشيد احمد شيخ ، قاري عبدالوحيد مهر ، قاري محمد اسماعيل چوهاڻ ، مولانامسعوراحمد تانوري، جام خليل احمد جام شعيب احمد ، قاري صادق انڌڙ ، سميت ٻيا شريڪ هئا.

بقايا سنڌيار 27

ته سندن ڳوٺ جو روڊ ڪيتري ئي وقت کان مرمت نه ٿيڻ ڪري مڪمل ٽٽي تباهه ۽ برباد ٿي ويوآهي، جيڪو هاڻي هلڻ جي قابل به ناهي رهيو، ويتر ڪجهه ڏينهن اڳ پيل برسات سموري ڪسر پوري ڪري ڇڏي آهي، هنن چيو ته سندن ڳوٺ 600 سئو گهرن تي مشتمل هجڻ سان گڏ ان جي 1800 ووٽ داخل هجڻ باوجود هن ڳوٺ کي هميشه نظر انداز ڪيو ويو اهي، هنن چونڊيل نمائندن سميت ڊي سي ٺٽو کي اپيل ڪئي ته سندن زبون حال ڳوٺ جي روڊ جي نئين سر تعمير ڪرائي ڳوٺاڻن کي پريشاني کان بچائي بهتر سفري سهولتون مهيا ڪيون وڃن، ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 28

خبرموجب ڪڏڙو شهر جي وارڊ 2 مينگهواڙ پاڙي جو رهواسي ڪراچي ۾ مزدوري ڪندڙ نوجوان 22 سالا مڪيش ڪمار ولد بابو مينگهواڙ پنهنجي گهر ڀاتين سان ناراض ٿي ڪڏڙو جي نئين جمڙائو ڪئنال ۾ پل وٽان ٽپو ڏئي خودڪشي ڪري ڇڏي اطلاع تي سندس وارث ۽ برادري جا ماڻهو ۽ شهري واقعي واري هنڌ پهتا جڏهن ته مقامي ٽوبن پاران ڪيترن ئي ڪلاڪن کان ڳولا جاري آهي آخري اطلاع تائين لاش هٿ اچي نه سگهيو هوڏانهن واقعي واري سرڪاري عملدار يا چونڊيل نمائندو نه پهتو لاش جي ڳولا ۾ سانگهڙ ضلعي انتظاميه پاران مدد نه ڪرڻ تي نوجوان جي وارثن ۽ مينگهواڙ برادري جي ماڻهن پاران احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي پڻ ڪئي وئي

بقايا سنڌيار 29

ڪيو ان موقعي تي منعقد تقريب کي خطاب ڪندي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڊويزن محمد عباس بلوچ چيو ته نيائين کي تعليم جون بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڊويزنل ۽ ضلع انتظاميه پاران ڪاليج انتظاميه سان هر ممڪن سهڪار ڪيو ويندو هن وڌيڪ چيو ته ٽرديب رورل ڊولپمينٽ پروگرام پاران ضلع جي مختلف تعليمي ادارن ۽ صحت مرڪزن ۾ سولر سسٽم نصب ڪيو ويو آهي جيڪو بهترين قدم آهي جنهن سان تعليمي ادارن ۽ صحت مرڪزن ۾ بجلي جي لوڊشيڊنگ وارو مسئلو حل ٿي ويندو ڪمشنر محمد عباس بلوچ ڪاليج جي شاگردياڻي منزا پاران سنڌ ڪاليج ٽيلينٽ هنٽ دوران صوبائي سطح جي ڪيليگرافي ۽ پينٽنگ جي مقابلن ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪرڻ تي ڪيس 25 هزار انعام ڏيڻ جو اعلان ڪيو ۽ چيو ته ڪيليگرافي ۽ پينٽنگ ۾ دلچسپي رکندڙ شاگردياڻين کي موقعو فراهم ڪرڻ لاءِ نمائش لڳائڻ لاءِ قدم کنيا ويندا ان سلسلي ۾ سنڌ حڪومت کي پڻ خط لکيو ويندو ڪمشنر چيو ته ڪاليج ۾ اي لائبريري قائم ڪرڻ لاءِ قدم کنيا ويندا ته جيئن شاگردياڻيون وڌيڪ آساني سان ڪتابن جو مطالعو ڪري سگهن ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد شهريار گل ميمڻ چيو ته ضلع ۾ تعليم کي هٿي وٺرائڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا پيا وڃن هن وڌيڪ چيو ته ٽرديب ۽ ڪنسرن ورلڊ وائيڊ وارن جو شڪر گذار آهيان جنهن جي تعاون سان ضلع جي مختلف تعليمي ادارن۾ صحت مرڪزن ۾ سولر سسٽم نصب ڪيو ويو آهي جنهن سان اسڪولن ۾ تعليم حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين کي گرمي کان بچاءُ ۾ مدد ملندي هن وڌيڪ چيو ته ضلع انتظاميه ڪاليج انتظاميه پاران نشاندهي ڪيل مسئلن کي حل ڪيو ويو آهي وڌيڪ مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ڪوششون ورتيون پيون وڃن هن وڌيڪ چيو ته ڪاليج ۾ اسڪائوٽ يونٽ قائم ڪرڻ بهترين عمل آهي جنهن سان شاگردياڻين کي مستقبل جي چيلينجز کي منهن ڏيڻ ۾ مدد ملندي ان موقعي تي ٽرديب رورل ڊولپمينٽ پروگرام جي انچارج لڪشمڻ داس تنظيم جي ڪم بابت آگاهي ڏيندي ٻڌايو ته سندس تنظيم پاران گذريل برسات دوران ضلع شهيد بينظيرآباد۾ مختلف پروجيڪٽس تي ڪم شروع ڪيو ويو آهي هن وڌيڪ ٻڌايو ته ڊپٽي ڪمشنر جي هدايتن تي ضلع جي 9 تعليمي ادارن ۽ 11 صحت مرڪزن ۾ سولر سسٽم نصب ڪيو ويو آهي جنهن سان انهن ادارن ۾ بجلي جي لوڊشيڊنگ وارو مسئلو حل ٿي ويندو ان موقعي تي ڪاليج جي پرنسپال لالا رخ بلوچ ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڊويزن محمد عباس بلوچ، ڊپٽي ڪمشنر شهريار گل ميمڻ ۽ ٻين مهمانن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ سنڌ جي ثقافت اجرڪ جا تحفا ڏنا ۽ شيلڊون پڻ ڏنيون ۽ ٻڌايو ته ڪاليج ۾ 2500 کان وڌيڪ شاگردياڻين جي داخلا آهي هن وڌيڪ چيو ته هن ڪاليج جي شاگردياڻين پاران سنڌ ليول تي منعقد ٿيندڙ پروگرامن۾ حصو وٺي ڪاميابي ماڻي آهي جن تي اسان کي فخر آهي بعد ۾ ڪمشنر شهيد بينظيرآباد محمد عباس بلوچ۽ ڊپٽي ڪمشنر شهريار گل ميمڻ ڪاليج جي اڱڻ ۾ ٻوٽا پڻ لڳايا. ان موقعي تي انفارميشن آفيسر اعجاز علي تيوٽو ٽرديب رورل ڊولپمينٽ پروگرام جو ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيٽر امير مزناني، ڪاليج جي ٽيچرز ۽ شاگردياڻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 30

ٽانوريءَ خانگي ٽي وي جو ڪيمرامين سڄڻ ميراڻي ۽ نوردين ڀهلڪاڻي جي بازيابي لاءِ سنڌس جي وارٿن ۽ علائقي جي سول سوسائٽي جي ماڻهن جو سيد سهيل احمد شاه لياقت ميراڻي، قالو ڀهلڪاڻي، علي حسن ٽانوري، ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ مٿان انڊس هاءِ وي تي گڙهي ياسين لاڙو واري علائقي ۾ ٽائرن کي باهيون ڏئي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو آهي ڌرڻي سبب پنجاب کان سنڌ ڏانهن ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي ويئي آهي روڊ بلاڪ هجڻ سبب عوام سخت مشڪلاتن جو پڻ شڪار بڻيل آهي ان موقعي تي مظاهرين ميڊيا اڳيان ڏانهنڊي چيو آهي ته ڪشمور ضلعي ۾ غوثپور سميت ٻين شهرن ۾ اغوا ڦر ڌاڙا توڙي رتوڇاڻ وارو سلسلو روز جو معمول بڻيل آهي پر ڪشمور ضلعي جي پوليس ڌوهارين سان مهاڏو اٽڪائي مغوين کي بازياب ڪرائڻ بدران ڌوهارين اڳيان ٻي وس بڻجي راڄوڻي ڪوششن ۾ رڌل آهي مظاهرين جو وڌيڪ چوڻ آهي ته جيستائين مغوين جي بازيابي لاءِ پوليس خاطري نه ٿي ڪرائي اوستائين اسانجو انڊس هاءِ وي تي لڳل ڌرڻو جاري رهندو واضع رهي ته غوثپور سميت ضلعي جي مختلف شهرن مان 20 کان وڌيڪ ماڻهو اغوا ٿي چڪا آهن جن کي هٿيار بند گڙهي تيغو ۽ دراني مهر جي ڪچي واري علائقن ۾ پنگ خاطر ٻانڌي ٻڌائي رکيو آهي جنهن سبب مغوين جي گهرن ۾ پنهنجي پيارن جي آزادي لاءِ ڪهرام متل آهي آخري اطلاعن موجب ڊي ايس پي سيد اصغر شاه ۽ ايس ايچ او جمال ڌرٽي واري هنڌ پهچي مغوين جي وارثن کان ڇهن ڏينهن جي مهلت وٺي روڊ کولرائي ٽريفڪ بحال ڪرائي

بقايا سنڌيار 31

آئي جي سنڌ کان پڻ انصاف جي اپيل ڪئي ته اصل جوابدار گرفتار ڪيا وڃن بيگناه سجاد کي آزاد ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 32

قائم ڪري چوپائي مال کي وچرندڙ بيمارين کان بچاءَ خاطر مفت ويڪسين ڪري ٽڪا لڳائڻ سان گڏ سندن علاج پڻ جاري ڪري ڇڏيو آهي، ان سلسلي ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ٺٽو ڊاڪٽر منير احمد جعفراڻي ٺٽي ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيوآهي ته موسميات کاتي پاران سنڌ ۾ ڪيل شديد برساتن جي اڳڪٿي بعد سيڪريٽري لائيو اسٽاڪ سنڌ ڊاڪٽر حفيظ احمد سيان جي خاص هدايتن تي لائيو اسٽاڪ کاتي ٺٽي طرفان چوپائي مال کي مختلف وچرندڙ بيمارين کان بچاءَ خاطر سخت اپاءَ وٺندي چوپائي مال کي مفت ويڪسين ڪري بچاءَ جا ٽڪا لڳائڻ سان گڏ بيمار جانورن جو علاج جاري ڪري ڇڏيو آهي، جنهن لاءِ سموري عملي جون موڪلون رد ڪندي ڪين اسپتال تي حاضر رهڻ جا حڪم جاري ڪندي ضلعي ٺٽي جي مختلف هنڌن جهرڪ، ڪينجهر ۽ گهارو فلٽر پلانٽ تي چوپائي مال جي علاج لاءِ مفت ڪئمپون قائم ڪري اتي مقرر عملي پاران چوپائي مال جو علاج ۽ مختلف بيمارين کان بچاءَ لاءِ مقرر ڪيل، ٽنگ، برڪي ۽ ماتا جهڙي موتمار بيمارين کان بچاءَ جي مفت ويڪسين ۽ ٽڪا لڳائڻ وارو عمل شروع ڪيو ويو آهي، جيئن چوپايو مال مذڪور بيمارين کان محفوظ رهي سگهي، ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ٺٽو ڊاڪٽر منير احمد جعفراڻي وڌيڪ چيو ته ٺٽي، ڪينجهر، حاجي صديق شورو، گهوڙاباري، جهرڪ، گاڙهو، ميرپور ساڪرو ۽ گهارو جي اسپتالن کي رليف ڪئمپن ۾ تبديل ڪيو ويو آهي، جتي موجود اسٽاف ۽ عملو ۽ مالوند ماڻهن جي چوپائي مال جي علاج ۾ رات ڏينهن مصروف عمل بڻيل آهي، هن مالوند ماڻهن کي صلاح ڏني ته هو سندن مقرر ڪيل سينٽرن يا رليف ڪئمپن تي پهچي پنهنجي چوپائي مال جو علاج ڪرائي ڪين وچرندڙ بيمارين کان بچائين، ڊڪيائي جي حالت ۾ مالوند ماڻهن سائنس ۽ سڌو رابطو ڪري سگهن ٿا.

بقايا سنڌيار 33

موري سان تعلق رکندڙ پورهيت بنگل خان چانڊيو ولد محمد خان چانڊيو ميڊيا آڏو پنهنجي دردناڪ داستان ٻڌائيندي چيو ته نوشهروفيروز ٿاڻي جو ايس ايچ او حنيف مهر ۽ نيڪ محمد چانڊيو مون وٽ آيا ۽ چو ته چوريءَ جي واقعي ۾ تنهنجو پاءُ ملوث آهي، سنڌس موبائيل فون ٽريس ڪيو ويو آهي،اهڙو بهانو ٺاهي پاءُ عبدالغفور کي گرفتار ڪيو ويو رات جو پوليس ٿاڻي ۾ رکيو ۽ ڏينهن جو مختلف شهرن ۾ پرائيوٽ جڳهن ته لڪائيندا رهيا، جنهن کان پوءِ ايس ايچ او محمد حنيف مهر ۽ سنڌس ڪاٽو پٽ نيڪ محمد چانڊيو مونکي پاءُ جي ملاقات ڪرڻ وقت چئيو ته 100000 رپيا ڏي ته تونهنجو پاءُ آزاد ڪيون نت ٻي صورت ۾ ، ڪوڙا ڪيس ٺاهي تنهنجي پاءُ کي جيل موڪليندا سين. جڏهن مون پئسن ڏيڻ کان انڪار ڪيو ته حنيف مهر ۽ نيڪ محمد چانڊيو مونکي به تشدد ڪري لاڪپ ڪري ڇڏيون جڏهن ته منهنجو پاءُ ڪنهن به ڏوهه ۾ شامل ناهي ۽ هو تمام بيمار آهي بنگل چانڊيو چيو ته اسان پورهيت ماڻهو آهيون، مان ڪرائي تي موٽرسائيڪل هلائي زندگي گذاريندو آهيان، منهنجو پاءُ 10 ڏينهن بغير ڪنهن سبب جي پوليس وٽ رهيو ۽ ڪيس تشدد جو نشانو بڻايو ويو ان کان پوءِ جڏهن حق نواز ابراهيم ۽ ايوب اسان سان ملاقات لاءِ آيا ته انهن کي به گرفتار ڪيو ويو جنهن کان پوءِ مون حنيف مهر ۽ نيڪ محمد چانڊيو کي چئيو ته اسان غريب مزدور آهيون مون وٽ هڪ لک ناهي ڏيڻ لاءِ پر مان مجبور ٿي حنيف مهر نيڪ محمد چانڊيو کي پوليس اسان 50 هزار روڪ رقم ڏني جنهن کان پوءِ اسان کي آزاد ڪيو ويو هن وڌيڪ چيو ته عيد جي موقعي تي مان پنهنجي عورتن ۽ مردن جا ڪپڙا ڪٽي گهر وڃي رهيو هيس ته نشنل هاءِ وي لڳ سيد ناگو شاه درگاه وٽ حنيف مهر ۽ نيڪ محمد چانڊيو 12 نوان ڪپڙا 30 هزار روڪ رقم ڦري ويا. پوليس اسان سان زيادتي ڪئي آهي، اسان شريف ماڻهو آهيون، پوليس اسان جو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي. اسان پوليس جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ٿا ڪريون ته پوليس يونيفارم ۾ ويٺل ايس ايچ او نوشهروفيروز حنيف مهر ۽ نيڪ محمد چانڊيو خلاف ڪارروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي. نت ٻي صورت ۾ مان پريس ڪلب نوشهروفيروز جي اڳيان پنهنجو پاڻ کي پيٽرول هاري پنهنجي زندگي جو انت آڻيندس هن چئيو ته منهنجي چانڊيا برادري جي پڳدار نواب سردار ڪان چانڊيو ۽ ٻين کي اپيل آهي ته مون غريب جي خدا ڪارڻ مدد ڪندا.

بقايا سنڌيار 34

جي سلسلي ۾ هڪ اجلاس ڊي سي آفيس جي دربارهال ۾ ٿي گذريو اجلاس کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنرشهريار گل ميمڻ چيو ته ضلعي ۾ ڪڻڪ، پاڻ ۽ کنڊ جو ذخيرو ڪندڙن خلاف سخت قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي ته جئين ضلع ۾ ڪڻڪ، پاڻ ۽ کنڊ جي کوٽ نه ٿي سگهي ڊپٽي ڪمشنرخوراڪ کاتي جي عملدارن کي سختي سان هدايت ڪئي ته حڪومت پاران ضلع ۾ ڪڻڪ جو مقرر ڪيل حدف حاصل ڪرڻ لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آندا وڃن جڏهن ته ڪڻڪ جو ذخيرو ڪندڙن خلاف ڪاروايون ڪيون وڃن هن ڪين اها پڻ هدايت ڪئي ته ضلع جي حدن ۾ قائم چيڪ پوسٽن تي عملدارن جي مقرري کي يقيني بڻائڻ سميت ڪين پابند بڻايو وڃي ته جئين ضلع جي حدن مان ٻاهر ڪڻڪ جي اسمگلنگ کي روڪي سگهجي ڊپٽي ڪمشنر خوراڪ کاتي جي ڪارڪردگي تي عدم اطمينان جواظهار ڪندي ڪين سختي سان هدايت ڪئي ته هو پنهنجي ڪارڪردگي کي بهتر بڻائيندي روينيو آفيسرن سان تعاون ڪن ۽ ضلع ۾ ڪڻڪ جو مقرر ڪيل ٽارگيٽ حاصل ڪرڻ ۽ ڪڻڪ جو ذخيرو ڪندڙن خلاف ڪاروائين کي تيز ڪن ٻي صورت ۾ انهن خلاف اعلي عملدارن کي خط لکيو ويندو ڊپٽي ڪمشنر ايڊيشنل ڊائريڪٽر زراعت کي هدايت ڪئي ته ضلع ۾ يوريا ڀاڻ جي قيمتن تي ڪنٽرول ڪرڻ ۽ ڀاڻ ذخيروڪندڙن خلاف ڪاروائي ڪري رپورٽ ڏين جڏهن ته ڀاڻ جي سيمپلنگ کي پڻ وڌيڪ تيز ڪن هن ڪين اها پڻ هدايت ڪئي ته ضلع ۾ غيرقانوني هلندڙ ڀاڻ جي ايجنسين خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي ۽ غير معياري ڀاڻ ۽ دوائون وڪرو ڪندڙن تي پوليس جي مدد سان ايف آئي آر داخل ڪرائي وڃي ڊپٽي ڪمشنر ضلع ۾ کم ڪندڙ شگر ملز جي نمائندن کي هدايت ڪئي ته ضلع جون سمورين شگر ملز کنڊ بابت هفتي وار رپورٽ ڊي سي آفيس ۾ جمع ڪرائي وڃي هن ڪين اها پڻ هدايت ڪئي ته ضلع ۾ کنڊ جي کوٽ کي ختم ڪرڻ لاءِ ضلع انتظاميه سان تعاون ڪيو وڃي ان موقعي تي اجلاس کي آگاهي ڏيندي خوراڪ کاتي جي عملدارن ٻڌايو ته ضلع ۾ ڪل 12 لک 50 هزار ڪڻڪ جي ٻورين جو ٽارگيٽ مقرر ڪيو ويو آهي جن ۾ تعلقي نواب شاه لاءِ 1 لک 20 هزار، دوڙ لاءِ 4 لک 35 هزار، سڪرنڊ 3 لک 5 هزار ۽ قاضي احمد لاءِ 3 لک 30 هزار ٻورين شامل آهن جنهن تحت هن وقت تائين 4 لک 40 هزار ٻورين جو حدف حاصل ڪيو ويو آهي جڏهن ته مقرر ڪيل ٽارگيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪاروائيون جاري آهن ان موقعي تي اجلاس کي آگاهي ڏيندي ايڊيشنل ڊائريڪٽر زراعت ٻڌايو ته هن وقت ضلع ۾ 30 هزار يوريا ڀاڻ، 67000 ڊي اي پي ۽ 35000 اين پي ڀاڻ جون ٻوريون مارڪيٽ ۾ موجود آهن جڏهن ته ڀاڻ جون وڌيڪ قيمتون وٺندڙن ۽ ذخيرو ڪندڙن خلاف ڪاروائي سميت ڀاڻ جي سيمپلنگ لاءِ پڻ قدم کنيا پيا وڃن اجلاس ۾ ايڊيشنل ڊائريڪٽر زراعت محمد رمضان چنا، ڊسٽرڪٽ فوڊ ڪنٽرولر شهيد بينظيرآباد فقير نزاڪت،ڊي ايس پي پوليس علي بخش جمالي، انفارميشن آفيسر اعجازعلي تيونو سميت النور، حبيب ۽ ٻانڊي شگر ملز جي نمائندن،زراعت، خوراڪ کاتي جي عملدارن ۽ سمورن تعلقن جي اسسٽنٽ ڪمشنرن شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 35

مهر پاران الزام رد. خبرموجب :سرحد لڳ نيشنل هاءِ وي ڪرنل موڙ وٽ ڪار ۽ مزدا وچ ۾ ٽڪر ٿيڻ سبب ڪارسوار وڪيل سيد قمبر شاه ڪاظمي پوليس اهلڪار ذوالفقار سومرو ۽ هيروجي زخمي ٿي پيا اطلاع تي سرحد پوليس ۽ علائقي واسي پهتا جنهن بعد وڪيل قمبر شاه ڪاظمي الزام لڳائيندي چيو ته مونکي مارائڻ لاءِ جي ڊي اي ايم پي اي علي گوهر خان مهر سندس پاءُ پ پ ايم پي اي راجا خان مهر ۽ اڳوڻي ضلعي چيئرمين حاجي خان وارن مزدا ذريعي حادثو ڪرائي مارائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جڏهن ته ان سموري عمل ۾ انهن جو هٿ آهي ۽ وڏيرا مونکي مارائڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيا هئا جنهن جي هڪ مهينو اڳ خبر پئي هئي ٻئي طرف وڪيل قمبر شاه ڪاظمي جي الزامن کي جي ڊي اي ايم پي اي سردار علي گوهر خان مهر مڪمل رد ڪندي چيو آهي ته قمبر شاه پهريان به اسان مٿان مختلف ڪوڙا الزام مڙهي ڪيس داخل ڪرايا آهن جيڪي عدالتن ۾ ڪوڙا ثابت ٿيا آهن ۽ هو بوکلاهٽ جو شڪار ٿي سستي شهرت حاصل ڪرڻ لاءِ مون ۽ منهنجي پٽ حاجي خان ۽ پاءُ راجا خان مٿان حادثي جو ڪوڙو الزام لڳائي بدنام ڪري رهيو آهي جنهن کي قانوني طور تي جواب ڏينداسين جڏهن ته مان ۽ منهنجو پٽ حاجي خان مهر هن وقت ڪراچيءَ ۾ موجود آهيون اسان جو حادثي سان ڪوبه واسطو نه آهي روزانا حادثا ٿي رهيا آهن جن جي ذميداري نيشنل هاءِ وي اٿارٽي يا حادثو ڪندڙ گاڏين وارا پاڻ هوندا آهن. ٻئي طرف ايس ايچ او سرحد ذوالفقار مهر جو چوڻ آهي ته مزدا کي تحويل ۾ ورتو آهي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي. مهرپٽي پاسي مهر گروپ جي ورڪرن يوسي علي با غ جي وائيس چيئرمين عبدالشڪور مهر جنرل ڪائونسلر بابر علي مهر غلام علي مهر وزيرمهر بشير قلپوٽو ظهير ملڪ شمشاد ڀنوار اشرف ملڪ حسين مهر ۽ ٻين سرحد پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهروڪندي چيو ته اسان جا مهر سردار انتهائي حد درجي جا شريف سردار آهن سندن جي خلاف اڳ ۾ به ڪيترا ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ويا آهن جيڪي عدالت سگهوري ختم ڪري ڇڏيا آهن اسين ايس ايس پي گهوٽڪي مطالبو ٿا ڪيون ته صاف ۽ شفاف انڪوائري ڪرائي وڃي ۽ مهر سردارن خلاف غلط پروپيگنڊا بند ڪئي وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 36

پي ٽي آءِ وارن کي ڪجهه به نه مليو هاڻي هو ن ليگ کي بدنام ڪرڻ جي سازشن تي لهي آيا آهن، موجوده حڪومت ملڪ کي ڏڏل بحران مان ڇوٽڪارو ڏيارڻ سميت عوام کي هر ممڪن سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهي آهي ن ليگ جا ڪارڪن پنهنجي قائدين سان هر مشڪل وقت ۾ گڏ بيٺل آهن اهڙن خيالن جو اظهار هن ن ليگ ضلعي سيڪريٽريٽ ۾ ڪارڪنن سان خطاب ڪرڻ دوران ڪيس خورشيد ميراڻي جو وڌيڪ چوڻ هو ته عمران خان جون مارشل لاءِ لڳرائڻ واري خواهش ڪڏهن به پوري نه ٿيندي تحريڪ انصاف پنهنجي حڪومتي دور ۾ سڀ فيصلا جنرل باجوه ڪري رهيو هو ته عمران خان ڇا ڪري رهيو هو؟ موجوده ۽ اڳوڻي دور ۾ سهولتڪاري ڪندڙن کي عمران خان پاڻ بي نقاب ڪري رهيو هو عمران خان اقتدار وڃڻ بعد پنهنجا هوش وڃائي ويٺو آهي ان کي ڄاڻ ئي ناهي ته مان ڪنهن جي خلاف ڇا ڳالهائي رهيو آهيان، عمران خان پاڻ اقتدار مان ڪڍڻ جو الزام آمريڪا تي لڳايو هو اج اهوئي آمريڪا عمران خان جي لاءِ آئيڊيل بڻجي چڪو آهي خورشيد ميراڻي جو چوڻ هو ته عمران خان جي سياست هاڻي پنهنجي انجام طرف پهچي چڪي آهي هو هاڻي اقتدار ۾ اچڻ جو خواب ڏسڻ ڇڏي ڏي، ايندڙ دور پاڪستان جي خوشحالي ۽ ترقي جو دور آهي انشاء الله مسلم ليگ (ن) عام چونڊون ۾ به ٿي اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ڪري پنهنجي حڪومت ۽ پاڪستان کي ايشين ٽائيگر بنائيندي، ملڪ ۾ مهانگائي جو وزن عوام برداشت ڪري رهي آهي اهو سڀ ڪجهه عمران خان جي ناتجربيڪاري جو نتيجو آهي هنن وڌيڪ چيو ته مسلم ليگ ن عوامي خدمت جي بنياد تي عام چونڊون کٽي ڪري عوام خدمت جو سفر جاري رکندي ۽ ثابت ڪندي ته عوامي خدمت مسلم ليگ جو پيو نالو آهي.

PSO پاڪستان اسٽيٽ آئل ڪمپني لميٽيڊ

www.psopk.com

پاڪ گيس جي 11.8 ڪلوگرام سلينڊر جي صارفين جي لاءِ مئي مهيني 2023 ع جي لاءِ قيمتن جي حد مذڪوره ڏنل آهي

شهر	ڪنزيومر قيمت	شهر	ڪنزيومر قيمت	شهر	ڪنزيومر قيمت
لاهور	2,759/- روپيا	ڪراچي	2,759/- روپيا	پشاور	2,759/- روپيا
ملتان	2,759/- روپيا	راولپنڊي	2,759/- روپيا		

هدايتون ۽ احتياطي طريقا:

[illegible]

گيسيس فيولز ڊپارٽمينٽ

پاڪستان اسٽيٽ آئل ڪمپني لميٽيڊ

پي ايس او هائوس، خيابان اقبال، ڪلفٽن، ڪراچي-75600، پاڪستان

فون نمبر: (021)111-111-776

PAK GAS

PID(K)No.3123/22